# انت ڪان پوءِ

شاعري

## راشد بروهي

ڪنول پبليڪيشن قنبر 2008

انٽرنيٽ ايڊيشن عباس ڪوريجو ويب
وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو
www.abbaskorejo.com

جڻ ته ٻوٽيل هيون حياتيءَ ۾
انت ڪان پو کُليون اکيون آهن

ارپنا

هُن
لاءِ
جنهن، هَن جهان ۾
منهنجو جنم
لازمي سمجهيو.

## اداري پاران:

**راشد بروهي** ـ اسان جي ٿهيءَ ڪان پوءِ، ادبي سنگت قنبر ۾ سنڌ جي نمائنده ڪويسراٽي ست ۾، پنهنجي ڪچي پڪي وکر ’**انت ڪان پوءِ**‘ ذريعي پنهنجي سڃاڻپ پختي ڪري رهيو آهي.

’**انت ڪان پوءِ**‘ سندس پهريتو غزليه مجموعو پنهنجي فني ۽ فڪري اڏامڪ سبب, غزل لکندڙ گهڻن شاعرن لئه حيرت جو ظهور هوندو. چو جو اسان ڏسون پيا ته هن دؤر ۾ جيڪي به غزل جي دنيا جا شهنشاهه/بادشاه/شهزادا سڏيا وڃن ٿا, انهن جا پهريتا مجموعا به فن ۽ فڪر سان ايترو لبريز ۽ دلپزير ناهن. جيترو نئون ليکاري ٿي ڪري راشد بروهيءَ جو هيءُ غزليه مجموعو آهي.

جديد سنڌي غزل جي هن اوج واري موج وقت, نوان رديف/ڪافيا/وزن بحر/ اسٽائيل ڪيتري به اٿاٿ ۾ هجن پر فڪر کي اوليت رهي ٿي رهي آهي. جنهن وٽ به ’نڪور پيغام‘ جي سگهنڊ آهي, اُهو تحسين لائق آهي. ’راشد‘ وٽ به روايتي غزليه فارم ۾ هڪ سادگيءَ پريو اداس پيرهن آهي, جيڪو هُن جو پنهنجو آهي.

جديد دؤر جي رومانسي ٽاٽن کان وني, رواجي عاشقاڻي آه زاري سان گڏ, هن جي هر غزل جي الڳ الڳ بند ۾ فلسفي جا نوان آسمان آهن. علامتي تشبيهن, ٻوليءَ جي گهرائي, فڪر جي رنگيني, موسيقي ۽ واضح بيان گوئي جهڙيون راشد جي غزل ۾ اتم خوبيون آهن.

ڇٽيل ذرد پتن جي ميڙ ۾ تازي ڪِريل گلاب جي درد جو احساس رکندڙ راشد جي گهٽي شعر گوئي ادبي ۽ عوامي شاعريءَ جو گڏيل سپنڊ رکي ٿي. سنڌي ڪويتا ۾ اهڙن ڪويسرن ۽ سنڌن ڪوتا جي طويل عمر رهي آهي, جن پنهنجي چوڌار وسندڙن عام و خاص جي روح جي درد کي سمجهي, سندن ئي سمجهه آڏار بيان گوئي ڪئي آهي. راشد به پنهنجي ابوجهه ۽ سبوجهه مڙني ڏرت واسين سان سندن ئي انداز ۾ مخاطب آهي.

سنڌي ڪيتر ۾ پنهنجي ڏگهي سفر جو پهريون پڙلاءُ ’انت ڪان پوءِ‘ آڇيندڙ راشد بروهي, جتي شعر جي دنيا ۾ پاڻ موڪيندڙ آهي, اُتي هو نثر ۾ پڻ وٽندڙ رنگن جي برشن سان خيالن جو اظهار ڪندڙ آهي. هن ۾ هڪ نقادانه خوبين سان, گڏ مثبت استادانه شفقت جا گڻ به موجزن آهي.

**سعيد سومرو**
**ڪنول پبليڪيشن قنبر**
MOB” 0333 7523132

## واس ۽ ون

’**انت ڪان پوءِ**‘ راشد بروهيءَ جي غزل جو مجموعو نهايت حسين ۽ جميل تخليق جو پورهيو آهي. جنهن ۾ عروضي بندشون, ٻولي جو حُسن, غزل جي ملائميت, گائڪي جو ترنم گڏ گڏ ڇُلي رهيا آهن. گوناگون ترڪيبي نوان نيمَ ۽ نمونا, فصاحت, خيال آرائي, جدت ۽ پيار جي ڀرپوريت راشد جي غزل کي انفراديت وارو ويس ڍڪيو آهي.

سنڌي شاعري جي سمورن سر چشمن کي هن وقت غزل شهه ڏيئي گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي. بيت, وائي, ڪافي ۽ گيت هڪ طرف ۽ ٻئي طرف غزل. تڏهن به غزل جو ڳاٽيتو مٿي آهي. غزل تخيل جو معيار به رکي ٿو ته دل جوئي جو داستان به آهي. آنءُ ائين ٿو چوان ته هن وقت اردو ۽ سنڌي غزل هڪ ٻئي جي مدِ مقابل آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته اردو وارن لاءِ غزل مادري ٻولي جي صنف آهي. هُو جڏهن فارسي ڳالهائيندا هئا تڏهن به انهن جو صنفِ سخن غزل هو ۽ جڏهن انهن فارسي ترڪ ڪري اردو ٻولي ايجاد ڪئي تڏهن به انهن جي من پسند صنفِ سخن غزل آهي.

غزل جي سٽاءَ ۽ حسين ترين عشقي لوازمات سنڌي شاعرن کي گهڻو متاثر ڪيو آهي. ان کان سواءِ اردو ٻولي پهرين ڏاري ٻولي آهي جنهن کي سنڌي سخن دان سولائيءَ سان سمجهي ۽ پڙهي سگهي ٿو. اِهي ڪارڻ آهن جن سنڌي شاعرن کي هرکايو.

اها ڳالهه به مڃيل آهي ته شاعر رنگين مزاج ماڻهو هوندا آهن. حُسن پسنديءَ جو جهنڊو سدائين شاعر جي دروازي تي پيو جهولندو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي جو سماجي بيهڪ ڪارو ڪاري جي رسم هيٺ سنڌ جي حسنِ سرڪار جا به حصا قتل ڪري چڪي آهي ۽ ٿيون بچيل حصو جيڪو انتهائي ڏنل, هيسيل چرڪيل هرٽيءَ جيان بچيو آهي, اهو به محفوظ ناهي, پر حسن جي جلواگري قيد ڪرڻ جي ناهي. اُها روشني جيان اُڀ کان وٺي ڌرتيءَ تائين جهلڪا پيئي ڏئي. راشد به ان سماج جو فرد آهي, جتي اهو سڀ ڪجهه ٿي رهيو آهي.

تاڪ هن جي درين جا کُليا,

مون ڏي رستا خوشين جا کُليا.

بنا پردي نڪتي آ شايد گهران!
جو چانيل آ رستن تي حيرت نئين!
مٺي! تنهنجو ’راشد‘ اهو آ اچا،
گهڻو توٽي مَنجي ويو وقت آ.

جهڪي ٿي رهي آ ستارن جي جهرمٽ،
لڳي ٿو تہ هوءَ دلربا پنڌ ۾ آ.

جسم تنهنجي جون بهارون جي ملن،
مان تہ ويراني مان گلشن ٿي پوان.

وار جيڏي پي وٿي هئي ڪين پنهنجي درميان،
خوبصورت زندگي هئي ۽ جنم جو پيار هو.

چپن تي چمين جا ڪي چشما وهائي،
ٿڌا دل جا ’راشد‘ جُوالا ڪري وڃ.

پيار سان تون اگر ڏسين ڪنهن ڏي،
سچ! پٿر پي گلاب ٿي ويندو.

غزل ۾ جيڪا حسن جي نزاڪت ۽ جلواگري بيان ڪرڻ جي گنجائش آهي، راشد من وعن تئين ئي بيان ڪيو آهي. سنڌي ادبي سنگت شاخ قنبر جي دستوري گڏجاڻين ۾ استاد شعرا جيڪا خدمت ڪئي آهي، هي سڀ ڪجهه انهن جي مرهون منت سمجهڻ کپي. ورنہ سنڌي شاعريءَ ۾ تمام نام ڪنيا نالا غزل جي فني ميدان ۾ اوهان کي ’ٿابا‘ کائيندي نظر ايندا۔

ڪلهہ تائين ڪنڌهن تولي ادب جي تاريخ کي مسخ پئي ڪيو. اڄ وري اهو ڪم سنڌي ادبي سنگت جا ڪي نالا ڪري رهيا آهن! نوجوان دوستن کي اکيون کولي تاريخ رقم ڪرڻ گهرجي. غزل فارسي صنف آهي نہ ڪي عربي. جيڪڏهن لفظي اتڪاءَ ۾ ڦاسبو تہ پوءِ بيت بہ عربي لفظ آهي پوءِ بيت کي بہ عربي صنف مڃيو وڃي! هتان جي ويچارن ’پهنورن‘ ۽ ’ڪورين‘ بہ پاڻ کي عرب سڏايو آهي! اهو سڀ ڪجهه اڇو ڪوڙ آهي.

راشد بروهي نئين ٿهيءَ جي استاد شاعر جون جهلڪيون پيو پسائي. وٽس تخليقي سگهہ جو استعمال نظر اچي ٿو جيڪو ڪيس اتاهين درجي تي رسائي ٿو. مهاڳ جو مطلب ڪنهن تخليق ڪار کي ٽيڪو ڏيڻ ناهي هوندو. جو گهڻو ڪري اسان جا عالم حضرات ان خيال جا آهن. مهاڳ جو مقصد شاعر جي علمي، تخليقي ۽ ترڪيبي انداز کي فني ۽ فڪري لحاظ کان پرکڻ هوندو آهي. هر تخليقڪار جي فڪري اڏام پنهنجي پنهنجي هوندي آهي ۽ فني پختگي بہ جداري هوندي آهي، اها فطري ڳالهہ آهي ـ راشد جا فني توڙي فڪري بئي پاسا ساراهہ جوڳا آهن.

راشد جا ڪردار بہ عجيب آهن. هوا جي هڪ جهوتي کي ڪيئن ٿو ڳالهرائي:

’ڪوئي آوارا پُڇي جهونڪو پيو،
ڪنهنجي زلفن جي صبح هڳساڻ هئي؟‘

چنڊ پاڳل ٿي ويو هو سانوٽيءَ جو،
توسان گڏ لڏندي ڏسي هڪ چيلڪي ۾.

منهنجو ڪو واسطو ڀِ ٿي راشد!
عشق سان پاڻ تو اُچايو آ.

جڏهن پي ٽٽن آسمان ۾ تا تارا،
لڳي ٿو وفا جو ڪو ٽوڙي قسم ٿو!

چنڊ جو چريو ٿيڻ، عشق سان اُچاڻ، ستارن جو ٽٽڻ، قسم ٽوڙڻ جهڙا حسين دل ڪش محاورا جديد علمي ذخيرو آهن. اهڙي بي ساختگي اظهار کي هيڪاندو جلا ٿي بخشي. راشد پنهنجي نوجوان دوستن ’سرمد‘ سومري، ’ثقلين‘ لاشاري، ’علي‘ صفدر، سيف الحق ’سيف‘ جي چوڪڙي جو اهم ۽ پيارو چنڊ آهي.

ماتمي باهه جي ائين مٿان ويا هليا،
جڻ ته ٽانڊن جي آڙاهه ۾ گل هئا.

عزم ۽ حوصلي جي بيان ۾ غزل جو هي بيت واقعي ٽانڊن کي گلن ۾ تبديل ڪري ٿو ڇڏي. راشد جي شاعراڻي سگهه پنهنجي انفراديت سان چلڪندي نظر اچي ٿي.

سنگ مرمر تي ڪنديل موتي لڳا،
جسم تنهنجي تي پگهر جو ڦيڪ هو.

مرمرين بدن ۾ ان جي عرياني، پگهر جا موتي ـــ ڇا ته منظر آهي! ڪڏهن ڪڏهن خلوت جون رونقون به شاعر جي بيان مان جلوگر ٿي عامَ اڳيان اچي وينديون آهن. جيڪي شاعر کي قلندرانا روپ بخشي ڇڏينديون آهن. ڳالهه ملڻ جي هجي يا دوريءَ جي راشد اهڙي نموني بيان ٿو ڪري جو پڙهندڙ پاڻ کي انهن منظرن کان جدا نه ٿو ڪري سگهي.

تنهنجي زلفن کي سگهون ٿا ڪئن ڇُهي؟
ڳوٺ تنهنجي جي هوا ناهيون اسان!

اهو شاعر جي اظهار جو ڪمال آهي! صوفين کان وٺي اجتماعيت پسند سمورن شاعرن محبوب مقصد کي واحد ۽ پنهنجو پاڻ کي اهڃاڻي طور جمع جي صيغي ۾ آندو آهي.

وڏا ٺهڪ ڏين ٿو ڪرين ٿو مذاقون،
نه هن توکي ’راشد‘ لڳا درد جا هٿ.

درد جا هٿ نه لڳڻ، وڏا ٺهڪ ڏيڻ، مذاقون ڪرڻ جهڙا اصطلاح شاعر جي ٻوليءَ تي گرفت جي ساک ٿا پرين.

غزل هلڪي ڦلڪي موسيقي ۾ ڳايو ويندو آهي. اها موسيقي سنڌي موسيقي ناهي ـ عابده پروين ۽ استاد محمد يوسف غزل کي ڪافي ۽ وائي جيان واڌو موسيقي ۾ ڌوهيڙا ڏيئي سنڌي موسيقي جو ويس ڍڪايو جو محترم شيخ اياز وارو گيڙو ويس غزل وارو خواب ڪنهن حد تائين پورو ٿيو. تيئن جديد سنڌي غزل ۾ ترڪيبي انداز نج سنڌي ٻولي وارو آيو. راشد جي غزل ۾ نج سنڌي ترڪيبون موجزن آهن. عروضي لوازمات ۾ سنڌي ادبي سنگت قنبر جي استادن جو نالو سڄي سنڌ تي ڇانيل رهيو آهي، ان جو سبب نوجوانن جي چنڊ ۽ عروض ۾ رهنمائي آهي. راشد ٻروهي به عروضي ميدان جو شهسوار بڻجي اڀريو آهي. ان جي ڪاوشن ۾ فن سان گڏ فڪر جو سنگم به راشد کي وڏو اعزاز ٿو بخشي.

اڄوڪي جديد سنڌي شاعر کي جين مت، ٻڌ مت، سنت مت، صوفي ازم، سوشلزم، ڪميونزم جهڙا گهڻا نظريا ورثي ۾ مليا آهن. مطالعي ۽ مشاهدي جي بنياد تي جيڪا تخليق ميدان ۾ آئي آهي، اُها نت نئين به آهي ته تاريخي ۽ تجرباتي به آهي. راشد به ان علمي ۽ سياسي ادب کي پڙهيو آهي.

جنهن کي مؤدب ٿي سمجهوسي ’راشد‘
يارَ وٺ سو ادب تماشو هو!

هڪڙي ڌر ادب کي ذهني عياشي سمجهي ٿي ۽ ٻي ڌر ادب کي شعوري ڪوشش ۽ سماجي تبديلي جو وسيلو سمجهي ٿي. راشد هڪ باشعور شاعر آهي ۽ سماج ۾ تبديلي جو شائق ۽ پاڳي پائيوار آهي.

وڏي وقت جي ويا جبر جا هئا ننهن،
ڇڏيا مون به ڪاٽي صبر جا هئا ننهن!

جبر ۽ صبر جي پنجاڪشي جو قائل آهي راشد ـــ

وري ڪا زرد زرد شام، ساز ساز ۾ لٿي،
ٿي پيروي وڏي اندر، ڪلا لهو ۾ لال آ.

سدا سهاڳڻ پيرويءَ جي چُني ماتمي لباس ۾ اچي وئي. راڳڻي جو سرور، سوز ۾ بدلجي ويو ۽ راشد جو قلم جنبش ۾ آيو:

ٻٽيو وقت آ خودڪشيءَ جهڙو پو پي،
وڏي ڳالهه آ جيئرو آدمي آ.

غمن ساڙي ڇڏيو آهي خوشين جي باغ جو هر گُل،
خبر آهي سڄي مالهڻ کي، خارن کي خبر ڪهڙي!

پند رُڃ جو ويو وڌو ٿيندو،
قافلي ۾ ڪِليون ويون ڪُڻنديون.

لڳي ٿو تہ سنڌوَ جو پاڻي آ پيتو،
تڏهن درد سارا ڪري من هضم ٿو.

پاڻ هاسين مٽيءَ جا پوڄاري،
پاڻ چاهيو فساد، ڪو بہ نہ هو!

درد ڪيڏو آ تراشيو منهنجي من کي،
ياد تنهنجي پو بہ دل تان مٽي ناهي.

باک ايندي پاڻ وٽ ’راشد‘ تڏهن،
هٿ ڪٽنداسين جڏهن اونداهہ تان.

هُو پَلو آ پنهنجي سر ’راشد‘ مگر،
هُن جو ظالم ٿو سچو ٽولو لڳي.

اڌ رات ٿي وئي آ، ڏڪ تي آ وينو پٽيجي،
تو وانگي هو بہ ’راشد‘ بي گھر نظر اچي ٿو.

بقا جي اکين مان ڪيڏي ڪنهن تہ ’راشد!‘
رکيو آ اسان کي فنا جي اکين ۾!

مٿي مختلف غزلن جا بيت ڏنا ويا آهن. خودڪشيءَ جهڙين حالتن ۾ آدمي جو زنده هجڻ، خوشين جا باغ جلي خاڪ ٿيڻ، پنڌ جي ڊيگھہ سبب ڪلين جو ڪُلڻ – سنڌوءَ جو پاڻي پي هر درد هضم ڪري وڃڻ – ڌرتي جي پوڄا ۾ فسادن جو انڪار ڪرڻ – تراشڻ باوجود حُسن جا نقش باقي رهڻ – اونده تان هٿ ڪٽڻ – ظالمن جي ٽولي ۾ هڪ فرد جو مسيحا هجڻ – بي گھر هجڻ جو تصور – بقا جي اکين مان ڪيڏي فنا جي اکين ۾ رکڻ – جهڙا انيڪ خيال راشد بروهيءَ جي مطالعي ۾ مشاهدي جا ڪرشما آهن.

**سرمد چانڊيو**

ميراڻي محلو – لاڙڪاڻو

22 جون 2007

# اُس ۾ پکين جو سفر

سانجهہ لڙي آڪاس کي ستارن ۾ بدلائي چڪي آهي، مان ڪيتري دير کان نوجوان شاعر راشد بروهيءَ جي غزل رنگ ۾ اهڙن ئي ستارن جي تلاش ۾ آهيان، جيڪي نہ رڳو منهنجي ذهني خلا ۾ روشني پکيڙڻ جو سبب بنجن بلڪ اُهي سڀ جيڪي هن سوٻياوان شاعر جي غزل رنگ کي پڙهندڙ آهن، انهن جي ذهني خلا ۾ بہ ساڳي روشني ڦهلائڻ جو سبب بنجن، ان ڪري بہ تہ ڪالهہ جي بيٺ ۾ اڄ سنڌ کي وڏيڪ روشنيءَ جي ضرورت آهي. 18 آڪٽوبر کان پوءِ سنڌ کي اونداهين کان وڌيڪ گھبراهٽ محسوس ٿيڻ لڳي آهي، اُها گھبراهٽ حال جي حالتن ۾ ايئن هتراڏو طريقي سان اُڇلائي وئي آهي، جيئن ڪنهن افواهہ کي خوف ۾ ويڙهي هوائن ۾ اڇلائي ڇڏبو آهي، حال جي هنن حالتن ۾ هڪ سُجاڻ شاعر

ڪيئن ٿو سوچي، ڪيئن ٿو لوچي، اھڙو پتو ھن جي دل، دماغ ۽ اکين ڪان وڌيڪ ھن جي شاعري ئي ڏئي سگھي ٿي، ڇو ته اُھا ھن جي ترجمان ھوندي آھي. ھي ڪجھ شعر جيڪي دل جي آرسي آھن، جن کي پڙھي شاھ لطيف جي ’جھوري، جھجھڻ جھانءِ‘ کي محسوس ڪرڻ ۾ گھڻي دير نه لڳندي.

جسم جو آ جلڻ نه بي معنيٰ،
خواھشون دل ۾ ڪي دکيون آھن.

درد جا دل ۾ پکي ايئين لٿا،
جڻ ته دل ۾ ڪٽڪ جا پارا ھئا.

مرڪن جا باقي موتي، ڪاٺي وچي لڪايان،
ڏاڙيلُ درد ڦرندو، ھر جا نظر اچي ٿو.

ٻري ھوا ۾ ڪنھنجي ھيءَ صدا لھوءَ ۾ لال آ،
’اروڙ‘ جي زمين ۾ فضا لھوءَ ۾ لال آ.

سنڌ جي ڪلاسڪ شاعريءَ کان وٺي اڄوڪي جديد شاعريءَ تائين ’جھوري، جھجھڻ ۽ جھانءِ‘ جڻ سنڌي شاعريءَ جو ڏاج آھي. ھونئن ھيءَ جيڪا شعرن ۾ سماج جي تصوير ڪشي آھي، اُھا غزل جي شاعريءَ کان غير متوقع آھي، ان ڪري ته غزل جي شاعري گھڻو ڪري سماج کان وڌيڪ دل جي تصوير ڪشي ڪندي آھي. پر شاعر جي دل جيئن ته ان سماج ۾ ئي پلبي آھي، جنھن سماج ۾ خارجي حادثا، سانحه ۽ واقعا زلزلن جي صورت وٺي برپا ٿيندا رھندا آھن، جن جي باھين، دونھن ۽ دانھن جي اثر کان شاعر جي دل بچي نه سگھندي آھي. ان ڪري شاعر جتي ڪنھن بيد مشڪ کي ٽيڪ ڏئي دل جي آوازن کي ڪنائڻ چاھيندو آھي، اُتي ھُو شھر جو رستو پار ڪندي ڪنھن حادثي کي ڏسندي اکيون پوري نه سگھندو آھي. ايئن ھو دل جي لھرن سان گڏ سماج جي جھورين کي به پنھنجي شاعراڻي دنيا ۾ آباد ڪرڻ تي لاڳاپيل ھوندو آھي.

راشد بروھي نوجوان شاعر آھي، ھُن اڃان شاعريءَ جي رنگ رتي کيتر ۾ ڇئن - پنجن سالن جو مس سفر ڪيو آھي، تنھن پنھنجو شاعراڻو اظھار شاعريءَ جي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ غزل ۾ وڌيڪ ڪيو آھي. بلڪ **’انت ڪان پوءِ‘** ھن جي غزلن جو ئي مجموعو آھي، جنھن ۾ غزل ئي غزل آھن. ھن وٽ غزل لکڻ جو ھيءُ به جواز آھي!

ڇو نه توتي ڪي غزل راشد لکي،
ڇين ٿو ماٺي سنڌءِ ساراھ مان.

برابر غزل قصيدي جو ٽِتل ھڪ تڪر آھي، جنھن ۾ ٻين عنصرن سان گڏ ساراھ به شامل آھي، ھونئن مشرق جي شاعريءَ ۾ محبوب جي ساراھ غزل ذريعي ئي ڪئي ويندي آھي ۽ ان ڳالھ کان راشد بروھي باخبر آھي.

راشد بروھي پنھنجي محبوب کي غزل جي آئيني ۾ ڪجھ ھيئن به ڏسي ٿو: نه روڪ وکرڻ کان واس ون کي،

ھوا ۾ ھي ڪول وار جانان!

ڏسي رات آڪاش ۾ تارڙا،
لڳو تو رئي تي پريوپرت آ.

باک ٻنجي اڇين جي جيون ۾،
نينھن نکري نئون نرالو ٿئي.

نتي رات ھاڻي لڳي ريشمي ڪا،
رھي ريشمي تنھنجي وارن ڪان پرتي.

ھي مختلف شعر مختلف احساسن جون مختلف ڪڙڪيون آھن، جن مان جھاتي پائيندڙ کي گھڻو ڪجھ نظر اچي سگھي ٿو. ھي سڀ شعر پنھنجي معنيٰ جي اعتبار کان مڪمل آھن، جن ۾ ڪنھن به لفظ جي ڦير گھير جي ضرورت محسوس نٿي ٿئي، جن جو مقصد ۽ ترنم ھم آھنگ آھي، جيئن ھڪ روح سان ھڪ جسم ھم آھنگ ھوندو آھي، جيئن

جسم کان روح ڌار ڪبو تہ جسم بي معنيٰ رهجي ويندو، تيئن هنن شعرن جي جسم کان ردم جو روح ڌار ڪبو تہ شعر بي معنيٰ رهجي ويندا، بلڪ مري ويندا. راشد بروهيءَ غزل کي ڪٿي بہ نظم ٿيڻ نہ ڏنو آهي، بلڪ هن غزل کي وڏي نفاست سان پنهنجي قالب ۾ قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ مون کي ان لاءِ ڪو بہ الجهاءُ ڪونهي.

زلف هُن جا وڃي چا سلجهايان،
پاڻ اُلجهيل حساب آهيان مان!

مان شاعريءَ کي 'حال نامي' کان وڌيڪ 'يادنامو' سڏيندو آهيان. 'اڄ' مون لاءِ شاعريءَ ۾ اوپري آهي ۽ 'ڪالهہ' اُها چڻ شاعريءَ جو سايو آهي.

اُس ساڙي تہ مون کي ڪيئن ساڙي،
سار تنهنجيءَ جو مون تي سايو آ.

۽ ساين /ڇانورن جو هڪڙو سلسلو آهي، جنهن جي سفر ۾ راشد جي شاعري روح جو پکي ٿي اڏامي رهي آهي.

ساڻ ها احساس تنهنجا ريشمي،
ڇانورن جهڙي سفر جو ڏيک هو.

لڙو يادگيرين ۾ هو جسم تنهنجو
ڏسي چنڊ ننگو ۽ تارا نشي ۾!

منهنجو خيال آهي تہ غزل جي هونئن هر شعر ۾ پيچاءُ بنهہ ضروري آهي، خاص ڪري غزل جي مطلع ۾، جو لڳي تہ هڪ ست بي ست مان ايئن ڦٽي نڪتي آهي، جيئن هڪ تاريءَ مان بي تاري ڦٽندي آهي. جيئن راشد جي غزل رنگ جا ڪجهہ هي مطلع آهن.

جي ملي تنهنجو سهارو ساهہ کي،
پار دردن جي ڪيان درياهہ کي.

دل جي نديءَ ۾ايندا طوفان ڪيترا!
ٻُڏندا اجهان اسان جا ارمان ڪيترا!

سدا دل تي ڇُريءَ وانگي وهيو امڪان وڇڙڻ جو
سوين ڀيرا ڪري، دل جا ويو امڪان وڇڙڻ جو!

هي سڀ مطلع پنهنجي ٻن ٻن سٽن ۾ ايئن مدغم آهن، جيئن بہ نيڻ هوندا آهن، جيئن بہ تارين يا جيئن بہ چپ هوندا آهن ـ ۽ هڪ سٺي غزل جي شاعر جو مطلع ئي هن لاءِ سند پيش ڪندو آهي تہ هُو ڪيترو پختو شاعر آهي. راشد بہ پنهنجي هر غزل جي هر مطلع تي ڌيان ڏي. هن کي جڏهن پوري پڪ ٿي وڃي تہ هن جو مطلع واقعي صبح جي سُرخي کي چيري هڪ لال سورج وانگر طلوع ٿيو آهي تہ پوءِ ئي هُو ان کي قبول ڪري، ٻي صورت ۾ ڪي بہ بہ سٽون قافين جي آڌار تي ملائي تہ سگهجن ٿيون پر انهن کي مطلع نٿو چئي سگهجي. ڪجهہ اهڙا ڪمزور مطلع:

* لٽا چپن تي چمين جا پوپٽ،
هوا ۾ اڏريا وٽين جا پوپٽ.

* زمانو سچو آ، جزا جي اکين ۾،
اسان ئي چو آهيون، سزا جي اکين ۾.

* چپن تي چمين جي پوپٽن جو لهڻ تہ سمجهہ ۾ اچي ٿو پر وٽين جي پوپٽن جو اڏامڻ سمجهہ کان مٿي آهي!؟ * جيڪڏهن زمانو جزا يعني ثواب جي اکين ۾ آهي تہ ان ۾ ڪهڙي خرابي آهي؟ جزا سان سزا کي رڳو قافيي طور ملايل نظر اچي ٿو.

منهنجو ايئن بہ خيال آهي تہ هڪ ست تخليق ڪرڻ ڪو بہ ڪمال نہ آهي، بلڪ سچو ڪمال بي ست سرجڻ آهي، جنهن کي پهرين ست مان ايئن تخليق ڪرڻو پوندو آهي، جيئن ڪا سور جي سَٽ اکين مان لڙڪ تخليق ڪندي آهي.

مان جڏهن مطلع کي ڇڏي راشد بروهيءَ جي مختلف شعرن جو اڀياس ٿو ڪريان تہ اُهي مون کي ڪنهن مڃيل شاعر جا شعر ٿا لڳن. انهن جو رچاءُ ايترو مضبوط ۽ خوبصورت آهي، جو مٿن پيار اچڻ هڪ فطري عمل لڳي ٿو. اهڙن شعرن مان هڪ شعر:

ڏور هوندي بہ تو لڳين ويجهو
تون خدا آهين يا خدا جهڙو!

هونئن اڄوڪي گهڻي شاعريءَ ۾ ’خدا‘ لفظ جو گهڻو بي معنيٰ استعمال ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ مٿئين شعر ۾ خدا جو تصور خدا جي سطح تحت ڪيو ويو آهي، اها ئي هن شعر جي اوچائي آهي. ڪجهہ ٻيا اهڙا شعر:

نانءُ دل تان مٽايان ڪيئن تنهنجو
دل جو ڪورو ڪتاب ٿي ويندو.

شام شاخون ايئن سڪل وڻ جون لڳيون،
انگ جڻ ڪي هجن اگهاڙا درد جا.

درد بظاهر ڏسڻ جي شيءِ نہ آهي، جو تہ تجريدي اسم آهي پر انهيءَ کي وڻ جي سُڪل شاخن سان مشبهہ ڪري شاعر جيئن درد جي تصوير چٽي ٿو اُها ڪنهن جديد ڪيميرا جي وس کان بہ مٿانهي آهي.

چپ ٻي چين ٿيا پوپٽن وانگيان،
موتئي جا ٽڙيا ساهہ ۾ گل هئا.

چپ، پوپٽ، موتئي جا ٽڙيل گل، ساهہ، هيءُ شعر آهي يا باغ طرف کلندڙ دريءَ مان نظارو جنهن مان عشق جي خوشبو اڏري اندر واسي رهي آهي.

عشق خوشبوءِ ٿي لڳو اُڏرڻ،
جيئن چپن تي چمين جنم ورتو.

راشد بروهيءَ جي شاعري سچ پچ هن جي دل جو لڪيل نئون اتهاس آهي، ان ڪري ان جي خوشبوءِ بہ نئين آهي. مان هت هُن جي ساراهہ ۾ هُن جون ڪي ننڍڙيون اوٽايون ان ڪري نٿو وسارڻ چاهيان جو تہ ڪڏهن ڪڏهن ساراهہ آرٽسٽ کي دفن ڪري ڇڏيندي آهي. ان ڪري ڪي اشارا ضرور ڪندس: هڪڙو تہ راشد ڪيترن اوپرن لفظن کي پنهنجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر الائي ڇو اُهي لفظ سندس شاعريءَ ۾ اوپرا ئي رهجي وڃن ٿا. اُهي لفظ آهن: راغ، من ماني، مسا، مَلبو، منجهندار، اُترڻ، گهُٽن، منچلا، سمت، دشت، پرڇائي، جهُريون، وغيره

هونئن شاعري ڪنهن بہ نئين لفظ جي داخلا تي بندش نٿي وجهي، رڳو شاعر کي ان سان پنهنجي سمجهہ جي رشتي کي جوڙي مهارت سان ڪتب آڻڻ جي ضرورت آهي.

شاعري ڪتابي هجڻ بدران تخليقي صرف تڏهن ٿيندي، جڏهن ان جو جنم مشاهدي مان ٿيندو. شاعريءَ ۾ جيترو ٿورڙن لفظن مان گهڻي مقصد حاصل ڪرڻ جو آرٽ پيدا ٿيندو شاعريءَ جو روپ ۽ رنگ اوترو ئي خوبصورت ۽ فطري لڳندو. جيئن راشد بروهيءَ جا هي شعر آهن.

ڪنهنجي خوشبوءَ پنيان هئي نڪتي،
دل جو ناهي پتو اڄان تائين.

’خوشبوءَ پويان دل جو نڪرڻ‘ هڪ باڪمال ترڪيب آهي. راشد هن شعر جو جواب پنهنجي ٻئي شعر ۾ پاڻ ئي ڏئي ٿو

ڪين دنيا کي تن لڌو راشدا!
جيڪي غم جي گهٽين ۾ گم ٿي ويا.

**وسيم سومرو**
نوابشاهہ

## ڪويءَ جي قلم مان:

## اڪيلائين جي انت کان اڳتي

اهو الئہ تہ کھڙو پل هيو! جڏهن منهنجي وجود ۾ احساسن جي پنڇين اچي واهيرو ڪيو هو ۽ اچانڪ اڏرڻ لڳا ها. ڪائنات جي وسعتن ۾ـ شعور ۽ لاشعور جي حدن کان بہ اڳتي ـ هڪ نئين فضا ۽ دشا ۾ ـ اڻ ڏٺل دڳن تي ـ اڻ ڏٺل منزلن جي تلاش ۾ ـ عجيب ولولي ۽ لگن سان ـ وقت جي رفتار کان بہ تيز ـ هڪ نئين رفتار ۽ تيزيءَ سان ـ خلائن جي خاموشي ٽوڙي، چنڊ جي چپن تان چانڊوڪيون چورائي ـ ستارن جي سنسار ۾ داخل ٿي، ڪهڪشائن جون ڪٿائون ٻڌي، آسمانن جون اوچايون ٻُسي، اونداهين جو انت اورانگهي، روشنين جا راز ڄاڻي ـ سَوين سُٽَ سُلجهائي ـ هزارين مام پُرجهي!

سچ پچ! اهو الئہ تہ ڪھڙو پل هيو! جڏهن عقل جي آئيني تان جميل دز هٽي هئي ۽ تصورن جا ترورا آڪاس تي تجلا ڏنا ها ـ رات جي روح ۾ روشنين جا راز عيان ٿيا ها ـ اونداهو اندر اجرو ٿيو هو آزاديءَ جي انوکي صبح جيان ـ محسوس ٿي رهي هئي هر شئي ۾ نرالائپ ـ ڏسڻ لڳو هيس هرچيز کي نئين اک سان ـ مينهن جي ڦڙ ڦڙ ، ستارن جي جهرمٽ ، گلن تي ماڪ ، هوا جو پل پل رخ ڦيرڻ ـ سمنڊ جي وشال سيني ۾ لهرن پوبان لهرن جو جنمڻ ـ جوان ڪنواريءَ جي ڇاتين جيان ڇولين جو ڇلڪڻ ـ ڇنڪار کان پوءِ مٽيءَ مان اٿندڙ مٺي خوشبوءَ جو وکرڻ ـ ڪنهن حسينہ جي بدن جي مهڪ يا ڪارن ڪاڪلن جو هڳاءُ ـ سڀ ڪجهہ نئون ٿي تہ هو منهنجي لاءِ جوڀن جي ڀهرين پل جيان ـ نوان احساس، نئين امنگ، نوان جذبا، نئون جوش، مدهوشيءَ جي سنگم سان ـ

ان پل جي پابنديءَ کان تہ اڄ بہ آزاد نہ ٿي سگهيو آهيان !ها ! اڄ بہ احساسن جا پنڇي ڦٿڪن، ڦڙڦڙائن ٿا ـ اڪيلائن جي انت کان اڳتي وڃي ـ سماجي ناهموارين تي، سياسي ستم ظرفين تي، عدالتي انيائن تي، قانوني ڪرتوتن تي، قدرتي آفتن تي ۽ انت کان پوءِ جي پوڳنائن تي!

ان پل ئي مون کي، شاهہ جي هن آفاقي سٽ کي سمجهڻ جو شعور ارپيو هو:

الله ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.

ان پل ئي مون کي اها پروڙ ڏني، تہ ڪنهن بہ قوم ۽ تهذيب جي بقا ۽ سلامتي سندس ٻوليءَ علم، ادب ۾ آهي. ان پل ئي مون کي اها ڄاڻ ڏني،تہ قومن جي سياسي حيثيت جي ڊهڻ ۽ نهڻ جو سبب بہ ساڳيو آهي.

ان پل ئي مون کي عظيم تاريخدان پروفيسر ٽوائن بي جي امر لفظن کي سمجهڻ جو گس ڏنو تہ 'تهذيبون/سماج/قومون يا نسل تاريخ جي وهڪري ۾ هلندي جڏهن ٿڪجي پوندا آهن تہ منجهن زوال اچڻ شروع ڪندو آهي، سندن قيادت، قانون ۽ قدر وغيره بي معنيٰ ۽ بي ساها ٿي پوندا آهن ۽ نيٺ اهڙو دؤر بہ ايندو آهي جو اهي قومون ڌرتيءَ جي سيني تان ميسارجي وينديون آهن.'

ان پل ئي مون کي نارائڻ شيام جي دعائيہ امر شعر:

الا! ايئن نہ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
تہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي !

جي درد کان آشنا جو احساس ارپيو هو ۽ پنهنجي ڌرتي، قوم، تهذيب ۽ ٻوليءَ جي ميسارجڻ جو خوف روح ۾ لاهي، ڌرتيءَ سان عشق جي جڙن کي مضبوط ڪيو هو.

اُن پل ئي مون کي محسوس ڪرايا،ڪليل گٽرن جو ڪاڄ ٻٽيل اسان جي معصوم اميدن جا لاشا، بم ڌماڪن ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿيل زندگيون، دهشتگردين ۾ بي موت مرندڙ مرڪون، بيروزگاريءَ جي باهہ ۾ جلندڙ اسان جو آئيندو سهاڳ جي سيج تي ڪارنهن جي الزام ۾ بي گناهہ قتل ٿيندڙ پوتر سپنا، غربت جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ جوانيون، جوا ۾ هارائجي ويندڙ زالون، مجبوريءَ هٿان وڪامجندڙ عصمتون، هيروئن جي تيزاب ۾ ڳرندڙ ڳڀرو ۽ شڪ جي شينهن کان هيسيل هَرٽين جهڙيون خواهشون.....!

هر خطي جي ليکڪ جيان پنهنجي آسپاس جي ماحول ۾ انياءَ ۽ اذيت جي اهڙي آڳ ٻرندي ڏسي، منهنجو اندر بہ ان درد ۾ دکي ٿو! آنءُ ڪو وڏو ليکڪ ناهيان، جو ماحول جي تبديليءَ لاءِ ڪا وڏي دعويٰ ڪيان، پر منهنجو اهو ايمان آهي تہ جيڪڏهن سچي نيت ۽ لگن سان اڪيلو فرد بہ ڪوشش ڪري تہ سماج کي نواڻ ارپي، تبديليءَ جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو. بس دير آهي، ڏيئي ٻارڻ جي ....پوءِ ڏيئي مان ڏيئا پيا ٻرندا....! لاٽ پٽي وڌندي ....۽ ٻات نيٺ ڪٽندي....!

ان پل ئي مون تي زور ڀريو هو تہ ڪلا جي ڪائنات ۾ لفظن جون نيون معنائون ڄاڇجن، تشبيهن جون نيون تسبيحون پروئجن، تمثيلن جا تهہ خانا کولجن، استعارن جا آسمان اڏجن ـ سوچن جي سنسار جا اڻ ڏٺا منظر چٽجن ـ اڻ ڇهيا تصور ڇهجن ـ نيون رتون اريجن ـ هوائن کي نوان رخ ڏجن ـ گهٽائن کي نئين گجگوڙ ڏجي، شبنمي ٻوندون برسائڻ لئہ ـ خوشين جا ڦول ڪلائڻ لئہ ـ دردن جي دز ڇنڊڻ، سکن جا اجرا سويرا بحال ڪرڻ خاطر ـ مايوسين جي ڪن مان اميدن جا هوڙا ڪيڻ واسطي ـ سمنڊ جي گهراين ۾ وڃي، سچ، سلامتي، امن، پريت، وفا، ايڪي، اخوت ۽ ڀائيچاري جا املهہ

موتي تلاشڻ لئہ ۽ گمراهہ شامن ڪي شعور جي شعائن، فلسفي جي فانوسن ۽ حقيقت جي روشنين ڪان روشناس ڪرائجي ....!

سچ! هاڻي ان جمود ڪي ٽوڙجي ۽ بيٺل پاڻيءَ ۾ پٿر اُڇلائجي ۽ تصورن جون نيون لهرون اُڀارجن. آسڪر وائيلڊ چواڻي "بهتر فن جي تخليق ئي فن جو بنيادي مقصد آهي." آسڪر وائيلڊ جي لفظن جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ لاءِ روس جي مفڪر ٽالسٽاءِ جي لفظن جو سهارو ٿو وٺڻو ٿو پوي تہ "اڳ ادب جڻ تہ چئمبر ۾ وچندڙ موسيقيءَ وانگر هئوجڏهن تہ هاڻي ان جو ڪاروبار ۽ صنعتي طبقن جي زندگيءَ تي بہ وڏو اثر ٿيو آهي. ادب جا اصل مقصد اوسيتائين ڪڏهن بہ حاصل نہ ٿا ٿي سگهن، جيسيتائين اهو پنهنجي جُز نہ پر ڪُل ۾ ماڻهن تي اثر انداز نہ ٿو ٿئي." واقعي بہ آڳاٽي دؤر ۾ ادب مخصوص ماڻهن جي توجهہ جو مرڪز يا تفريح جو سبب هو ۽ موسيقيءَ جو مقدر بہ طوائفن جا ڪوٺا ۽ بادشاهن جا دربار هئو ان پل ئي مون کي اهو باور ڪرايو تہ مخصوص حلقي لاءِ لکڻ ادب جو مقصد ناهي، پر پنهنجي پوري معاشري، ماحول ۽ سماج کي سمجهي لکڻ ئي ادب جو بنيادي مقصد آهي، توڻي جو هن وقت ادب ڪائنات تي اثر انداز ٿي رهيو آهي، پر جيڪڏهن نواڻ ڏيڻ ۾ ناڪام ويو ۽ ورجاءُ جو شڪار ايئن ئي رهيو تہ پوءِ اها حقيقت بہ جهٽلائي نہ ٿا سگهون, تہ تاريخ بلاشڪ پاڻ کي تبديل نہ ڪندي آهي پر پاڻ کي ورجائيندي ضرور آهي.

ان پل ئي مون کي اردو ٻوليءَ جي منفرد گيتڪار شاعر نگار صحبائيءَ جي ڪتاب 'انت سي آگي' جي سحر ۾ جڪڙي ڇڏيو نگار صحبائيءَ جي خاص ڪري هن گيت مون تي گهرو اثر ڇڏيو....!

انت سي آگي ايڪ سفر هئہ!

ان گيت ئي مون کي ٽي ايس ايلٽ جي هنن لفظن جي فلسفي کان آگاهہ ڪيو تہ 'شروعات ئي انت آهي ۽ انت ئي شروعات'. ان فلسفي کي سمجهڻ کان پوءِ مون کان هي سٽون تخليق ٿيون.

وني انت ٿو ٿيو جنم انت ڪان پوءِ،
ڪٿي ٿو سفر ٿي ختم انت ڪان پوءِ

ان پل ئي منهنجي وجود ۾ بي چينيون لاٿيون هيون، جيڪي منهنجي تخليقن جون سبب بڻيون.

سنڌي شعر لاءِ منهنجو اهو عقيدو آهي تہ هڪ دفعو ٻڌڻ سان بار بار ٻڌڻ تي دل ڪري ۽ ڪافي وقت ماڻهو ان جي سحر ۾ ويڙهيل رهي، منهنجي شاعري ۾ اهو اثر، اهو جادو آهي الئہ نہ ....؟ آنءُ نہ ٿو ڄاڻان ۽ نواڻ ارپڻ ۾ ڪامياب ويو آهيان الئہ نہ ....! ڪا خبر ناهي ....! ان لاءِ آنءُ ڪا هام نہ هڻندس. آئون تہ اڃا سکڻ جي مرحلي ۾ آهيان. شاعريءَ جي مڪتب ۾ تہ عمر ڀر ماڻهو شاگرد ئي رهي ٿو....! بس جيڪو ڪجهہ محسوس ڪيو آهي انهن کي لفظن جو ويس ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

انهن احساسن ـ سهيڙ جي سفر ۾ جن يارن جو ساٿ، اُس ۾ گهاٽي ساٻي جيان رهيو ۽ جن پنهنجي سونهري لمحن مان ڪجهہ پل مون کي ڏنا، جن جا ٿورا نہ مڃڻ مون لئہ ڪفر برابر آهي. آنءُ ٿورائتو آهيان رياضت برڙي، آتش سنڌي، بشير احمد آچي، ايس سرمد، ثقلين لاشاري ۽ خاص ٿورا پبلشر سعيد سومري جا، جنهن منهنجن تخليقن کي استادانہ نگاهہ سان پرکيو ۽ ڪتابي صورت ڏني.

ٿورا سنڌي ادبي سنگت قنبر جي انهن سيني دوستن جا، جيڪي هفتيوار تنقيدي گڏجاڻين ۾ منهنجين تخليقن جا تنقيدي پاسا اجاگر ڪري، منهنجين صلاحيتن ۾ اضافي جو سبب بڻجن ٿا، آخر ۾ ٿورا منهنجن دوستن علي آڪاش،عزيز قاسماڻي،شبيرحسين شبير، جاويد ٿناگر ۽ علي صفدر جا، جيڪي وقت بہ وقت مون کي لکڻ لاءِ همٿائيندا رهيا آهن ....!

وڏا وڙ سائين سرمد چانڊئي جا جنهن مهاڳ لکي ڏنو وڙ جواد جعفريءَ ۽ محترم راشد مورائيءَ جا. ٿورا عبدالغفار تبسم جا، جن منهنجي ناقص مواد تي پنهنجا املهہ رايا ڏنا!

**انت ڪان پوءِ** اوهان جي هٿن ۾ آهي ۽ بي تابيءَ سان اوهان پڙهندڙن جي راءِ ۽ اصلاح جو منتظر آهي. پهرين وک آ، پهرين پنڌ آ، پهرين سفر آ....! ڪٿي ڪٿي راهہ تان ٿڪيو بہ هوندس، اوڻائين ۽ غلطين جا نشان بہ رهجي ويا هوندا. جنهن لاءِ اوهان جي سوچن جو ساٿ ضروري ٿو سمجهان .......۽ اوهان جي تنقيد لاءِ دل کولي آجيان ڪجي ٿي.

**راشد بروهي**
بروهي محلا ـ قنبر
03337537305

قنبر




*سڏوڻي ٻينو مٿانھون جو موت جو سورج،*
*تہ ڏيري ڏيري ڪُٽي پيو حيات جو پاڇو*

وڃي مون انت کان اڳتي به انت ڪين لڌو
پوي ٿو ڪاٿي الئه ڪائنات جو پاڇو!

چا ٿو چاهي خدا، خبر ناهي!؟
ڪيسين رهبو جدا، خبر ناهي!؟

مان خلا فاصلي ڪي سمجهان ٿو
ٻـي ڪـا آهي خلا، خبـر ناهي!؟

درد دل مان اُٿـيو تـه ڳايان ٿو
چاهي سُــر ۾ ڪـلا، خبـر ناهي!

هِــنَ جنـم ۾ بـه ڪيـن ملياسون،
اڳهـندي ڪڏهين دعا، خبر ناهي!

سنڌ جو آ ذرو ذرو پـيـاسـو
ڪـاٿي وسندي گهٽا، خبر ناهي!

منهنجي هٿ جي آن تون لڪيرن ۾
تنهنجي هٿ جي منا، خبر ناهي!

منهنجو جيون ڪُـتي ختم ٿي ويو
ڪُـتـندي ڪڏهين سزا، خبر ناهي!

تنهنجو چهرو چمان ڪري قرآن،
آ روا نــا روا، خـبـر نـاهي!

تنهنجي منهنجي مٿان وڇوڙي جي،
ٽـرندي ڪڏهين بلا، خبر ناهي!

چا ڏَسيـان داسـتـان موهـن جو!
مون کي منهنجي ڪٿا، خبر ناهي!

ڪنهن جي خوشبو ڪٽي گهلي آهي؟
هــي اســر جي هـوا، خـبـر ناهي!

منهنجي گهر جو اداس آڳر آ،
جڳ جي ڪئن آ فضا، خبر ناهي!

دل گهريو هو پڙهيم نماز تڏهن،
آ ادا يـا قـضـا، خـبـر نـاهي!

ڇا سان ٽڪرائي، آهي ٿي واپس،
دل جي ’راشد‘ صدا، خبر ناهي!

ساٿ هُن جو ڇنو هوا جهڙو،
منهنجو جيون ٿي ويو خلا جهڙو!

تنهنجين تجلين ٻڌائي خاڪ ڇڏيو،
جسم منهنجو نہ هو فنا جهڙو.

زندگيءَ جي وشال صحرا ۾،
تنهنجو احساس آ صبا جهڙو.

وقت گذري ٿو تو سوا ٻيي پر،
لمحو لمحو لڳي سزا جهڙو.

ڏور هوندي بہ تو لڳين ويجهو
تون خدا آهين يا خدا جهڙو؟

دين جي دائري مان جو نڪتم،
تـو لڳـي نـاروا روا جـهـڙو!

خواهشن جي هي خون ۾ لت پت،
ڪنهنجو ڪمرو آ ڪربلا جهڙو!

اُلجهي قسمت جي پيو لڪيرن ۾،
خواب ’راشد‘ جو ساپيا جهڙو.

اُٿلائي دل جي دنيا ڪنڊر ڪري ڇڏيائين،
ويران منهنجو سارو اندر ڪري ڇڏيائين!

اڪـڙين جا آشيانا هُـن لاءِ ها سجايا،
چو منهنجا خواب سارا بي گهر ڪري ڇڏيائين؟

آثار عشق جا تـو هاٿـي اُتـي تلاشـي،
محشر کان اڳ ۾ جاتي محشر ڪري ڇڏيائين!

يادن جا ڪي خزانا دفنائي منهنجي دل ۾،
ماٿهو متيءَ جي ڪي گوهر ڪري ڇڏيائين!

گُـلـڙا مسين تـڙيا ها تـهـڪن جا زندگي ۾،
سي پي ڪسي حياتي بنجر ڪري ڇڏيائين!

’راشد‘ اداسيـن جا مـون ڪي انـڌيـر اربـي،
پنهنجو وجي چو جيون منور ڪري ڇڏيائين!

هوءَ وري جئن وري ٿي خوشي،
ڏيان مون ڏي ڏري ٿي خوشي.

روحُ ۾ ڪو ته آهي لٿو
ياڪرن ۾ پري ٿي خوشي.

زندگي هٿّ سيڪي پئي،
ڪنهن بدن ۾ ٻري ٿي خوشي.

ڪنهن جا گونجن پيا ٽهڪڙا،
جي ٻُڌي اڄ ٺري ٿي خوشي.

يا خدا! ڪهڙي ٿي وئي خطا؟
پاڻ کان جو پري ٿي خوشي.

ڪنهنجي ننڍڙي انا جي اڳيان،
روز پنهنجي مري ٿي خوشي.

هوءَ اڄڪي ته 'راشد' نه آ،
چوا ڪين ۾ تري ٿي خوشي.

†

ويچار منهنجا توکي ڪيڏا ٻڌي وٺيا ها.
پٿر سي ٿي پيا ڪئن، جيڪي ڪڏهن مٽيا ها!

تن جي حسين رنگن ۾ آهيان مان الجهيل،
جي خواب آئيندي جا مون لاءِ تو اُٽيا ها.

جنهن ڏينهن تو بهارن جهڙو هو ساٿ توڙيو
ان ڏينهن پنهنجا ارمان پن ڇڻ جيان ڇٽيا ها.

جنهن رات تون اچڻ جو واعدو ڪري نه آئينءَ،
ان رات تير سيئي تارا مون لئه ٻٽيا ها!

خوشين جي پوک دل ۾ پوکي وڃو ها پيارا!
ڪجھ ڏينهن اڳ غمن جا هي فصل مون لٽيا ها!

گذري ويا زمانا پائيندي فاصلن کي،
جاچيم جو رات 'راشد' تورا نه هي مٽيا ها!

†

چؤطرف چهرا هئا چانداڻ هئي،
جوش جذبن ۾ وڏي چِڪتاڻ هئي.

هُن جي رنگن ۾ گڏي رنگين ڪيم،
زندگيءَ ۾ منهنجي جا پيلاڻ هئي.

خواهشن جي ٻوڏ ۾ ٻڏندا بدن،
وهڪرن ڪي وقت جي سا ڇاڻ هئي.

ڪوئي آوارا پُڇي جهونڪو پيو،
ڪنهنجي زلفن جي صبح هڳساڻ هئي؟

خواب ۾ برسات ٿي توسان پِڱم،
جاڳ ۾ تنهائي ساڳي ساڻ هئي.

رنجشون ’راشد‘ ڪئين ٿين ها ختم؟
تو نه ڪئي ڪنهن ڳالهه جي چنڊڇاڻ هئي!

رهيل واسُ تنهنجو هوا ۾ اڃا پيو،
نه تو ساهُ گُهٽجي فضا ۾ اڃا پيو.

نظر سان نچائي سگھين ٿي نظارا،
ڪشش تنھنجي آھر ادا ۾ اچا يي.

اکين کي اکين جي عبادت ڪرڻ ڏي
پيو وقت آھي قضا ۾ اچا يي.

ٻُڌي هاڻ ٿي ٿيو روئڻ ھارڪو آ،
وڏا درد ايندا ڪتا ۾ اچا يي.

ڏسون ٿا تہ ڪاٿي وجي ٿي وسي ھوءَ،
گھٽي آھي ھلچل گھٽا ۾ اچا يي.

نراسائي نيڻن ۾ 'راشد' لٿي آ،
وڏي آس آ پر خدا ۾ اچا يي.

---

دل ۾ جنھن پل خوشيون بڪيون آھن،
درد ڏيکاريون اکيون آھن!

دل چوي ٿي، سي اڄ ڪيان پوست،
توکي جيڪي چٽيون لکيون آھن.

جامَ جھڙو سُرور آ دل تي،
ڪنھنجون چميون، چپن چکيون آھن.

چو زمانا! گناھگار اکيون،
پاڪ چھري تي تورکيون آھن!

جڻ تہ بوتيل ھيون حياتيءَ ۾،
انت ڪان پو کُليون اکيون آھن.

جسم جو آ جلڻ نہ بي معني!
خواھشون دل ۾ ڪي دُکيون آھن.

ڪوڙ جي دؤر ۾ ڪتان ’راشد!‘
هن سچيون ڳالهڙيون سکيون آهن.

ميڪدي ۾ عجب تماشو هو
بيخوديءَ جو غضب تماشو هو.

مون جلايو ۽ هُن وسايو پئي،
بستري تي بلب تماشو هو.

شام پيي هُن جو روح موهڻ لئہ،
مون ڪيو بي سبب تماشو هو.

ڪير پُرجهي سگهيو نہ مام اها،
حشر جو ڪيو چو رب، تماشو هو!؟

جنهن کي مؤدب تي سمجهوسي ’راشد‘،
يارَ وٽ سو ادب تماشو هو!

ڪنهن نہ ڪنهن جي ڪمي رهي آهي
هر جنم ۾ غمي رهي آهي!

چانڊني ڪٿ نہ خواهش جي پڄي،
رات هر شبنمي رهي آهي.

ساهَ جي پربتن تي برف نما،
ياد ڪنهن جي ڄمي رهي آهي.

ڪو تہ احساس تيو قتل آهي،
جو اکين ۾ نمي رهي آهي.

پير دردن وري رکيا هوندا،
دل جي ڌرتي جهمي رهي آهي.

نيٺ 'راشد' اداس راهن ڏانهن،
اڄ حياتي رمي رهي آهي.

٭

ڪوئي اڻ پورو خواب ٿي ويندو
عشق آخر عذاب ٿي ويندو!

نانءُ دل تان متايان ڪٿ تنهنجو؟
دل جو ڪورو ڪتاب ٿي ويندو.

ڪڻ خماريل اکيون نہ پاڻيءَ ڏي،
قطرو قطرو شراب ٿي ويندو.

پيار ۾ مُنڍَ جي شروع ڪنديڻ،
انتُ پو لاجواب ٿي ويندو.

پيار سان تون اگر ڏسين ڪنهن ڏي،
سچ! پٿر پي گلاب ٿي ويندو.

٭

هاءِ! ڪيڏو نشو اکين ۾ تو
جڻ سڄو ميڪدو اکين ۾ تو.

آ, چپن سان چُمي ڪيان پورو,
جو اڌورو قصو اکين ۾ تو.

چڏ گهڙي پل اچي ٿيان بيخود,
جام جهڙو مزو اکين ۾ تو.

پيار تن ۾ تہ پيو عيان آهي,
هونئن ڪيڏو غصو اکين ۾ تو.

سوئي 'راشد' جو آهي گهر شايد,
جو اجهو عشق جو اکين ۾ تو.

ائين رنجش جا ازالا ڪري وڃ,
اچي سور ئي من! سلالا ڪري وڃ.

گُلن جهڙا نازڪ اچي ارپ ڪي پل،
ڪري ويچو لمحا نہ پالا ڪري وچ.

ڪسي ساٿ چاهت پري امن جهڙو،
نہ ماڻهن جا لهجا *روالا ڪري وچ.

ڏئي ساٿ سپنن ڪي ڪنهن ڪنڊ جهڙو،
ختم اڄ ڪڙا سڀ ڪشالا ڪري وچ.

چپن تي چمين جا ڪي چشما وهائي،
ڏٿا دل جا 'راشد' جُوالا ڪري وچ.

* روالا ــ روالوَر

شام تـوکي جـو ڏنـوسـي راهہ ۾،
عشق جي پياسي ڪِري آڙاهہ ۾.

تنهنجي نيڻن ۾ نهاريم جئن متي!
جڻ تہ ڪنهن ٻُڏندو ويم درياهہ ۾.

تو هتايا نيڻ مون تان نينهن جا،
مان لتس غم جي ڏکي اونداهہ ۾.

سوچ هر هر تي جُهڪي سجدا ڪيئہ،
دل جي داخل تي وئين درگاهہ ۾.

جي نہ چهرو چاهہ جو ٿيندو چٽو،
وسوسن جي لڙهندو 'راشد' واهہ ۾.

وڏي وقت جي ويا جبر جا هئا ننهن،
چڙيا مون ٻہ ڪاتي صبر جا هئا ننهن!

انڌيري جون دل ۾ ڪُپيل آڱريون هون،
اُيا عشق جي ٽيا هجر جا هئا ننهن!

ڏني رستي رستي رهڻ زندگيءَ ڪي،
ڪٽيا ڪنهن نہ تنهنجي شهر جا هئا ننهن!

نظارو هو صحرا جو چهري تي هن جي،
ٻيانڪ ٻيانڪ سفر جا هئا ننهن!

ڏنو هُوڪو هاڪر مزي ساڻ 'راشد!'
وڃي روح کي ويا خبر جا هئا ننهن!

الائي ڪير اچڻو آهہ، چارا رقص ۾ آهن،
سمندر ساز ڇيڙيا هن، ڪنارا رقص ۾ آهن.

سڄي ماحول تي مستي محبت جي چڙهي وئي آ،
اسان جو پيار آ چوڌر ۽ پيارا رقص ۾ آهن.

هوائون هوش ۾ ناهن، فضا مدهوش ٿي وئي آ،
ڇڏيا ڪنهن وار هن چوڙيءَ نظارا رقص ۾ آهن.

چمن تي مرڪ جهومي ٿي، نچي واري پئي ٽر جي،
ڪلي ٿي پئي ڪنوڻ اُپ تي، اجارا رقص ۾ آهن.

اکين آلاپيو آهي، مڌر نغمو محبّت جو
ٻه چپ چُپ چاپ ٿيندي ئي، اشارا رقص ۾ آهن.

نشو هُن جي نهارن جو چڙهيو آهي اسان تي يا،
خدا جي عرش تي ’راشد‘، ستارا رقص ۾ آهن.

ملڪي هلڪي روشني هئي ۽ جنم جو پيار هو
بند ڪمرو خاموشي هئي ۽ جنم جو پيار هو.

مئڪدا نيڻن جا کولي تو ڇڏيا ها، مرڪندي-
مون شروع ڪئي مئڪشي هئي ۽ جنم جو پيار هو.

ڏنڌ پاڇولا غمن جا دل تي ڇانيل ڪين ها،
چاهتن جي چانڊني هئي ۽ جنم جو پيار هو.

وقت هو آرام جو ۽ بند عبادت گهر ٻه ها،
پنهنجي جاري بندگي هئي ۽ جنم جو پيار هو.

وار جيڏي پي وٿي هئي ڪين پنهنجي درميان،
خوبصورت زندگي هئي ۽ جنم جو پيار هو.

شهر جهڙي جعل سازي دل ۾ ’راشد‘ ڪين هئي،
ڳوٺ جهڙي سادگي هئي ۽ جنم جو پيار هو.

زمان ۽ مڪان جي خبر نہ ٿي پوي،
پريت ۾ جهان جي خبر نہ ٿي پوي.

پرم پُريـو اسان جو آهي ايترا دفعا،
يـقيـن ۽ گمان جي خبر نہ ٿي پوي.

اڇي پُڳـي حيات آهي اهڙي مُوڙ تي،
اسان ڪي آستان جي خبر نہ ٿي پوي.

الائي ڪهڙي ماڳ ڏي وڃي نہ موٽيو اڃا،
ڪا امن ۽ امان جي خبر نہ ٿي پوي.

اوهان جي عشق ۾ رچي رلياسين ايترو
زمين آسمان جي خبر نہ ٿي پوي.

تون مرڪندي جو اوچتو اڳيان اچي وئينءَ،
بزار ۽ دڪان جي خبر نہ ٿي پوي.

اچي هٿن ۾ جو ويا هٿيار نت نوان،
تہ پاڙيئي / جوان جي خبر نہ ٿي پوي.

هٿ نہ تنهنجو جناب هٿ ۾ آ،
مون کي تڏهين شراب هٿ ۾ آ.

جيڪو چاهيان پڙهي سگهان ٿو سو
تنهنجي دل جو ڪتاب هٿ ۾ آ.

ميت! ان مان وٺان چا معنيٰ مان؟
تنهنجي ڪارو گلاب هٿ ۾ آ.

توکان پو حال منهنجو هيئن آهي،
گيت لب تي، رباب هٿ ۾ آ.

تنهنجا جلوا ڏسي انوکا هي،
ڪاٿي رهندو شباب هٿ ۾ آ!

راهه جيڪا وٺي هلون ’راشد‘
هر گناهه ۾ ثواب هٿ ۾ آ.

†

بدنصيبيءَ جو باب آهيان مان،
رڻ ۾ بيٺل گلاب آهيان مان!

ڪنهنجو جيون نه مون سان واڳيل آ،
اک مان ترڪيل ڪو خواب آهيان مان!

ڪنهن جي توجهه جو مان سدا مطلوب،
دز چڙهيل ڪتاب آهيان مان!

زلف هُن جا وجي چا سُلجهايان!
پاڻ اُلجهيل حساب آهيان مان!

ڪٿن ڪو سُرخاب ٿئي مون لئه آتو،
ڪو ٻُڏل آفتاب آهيان مان!

هُن جي پهچان چپن تي ڪٿن ’راشد!‘
هٿ مان هاريل شراب آهيان مان!

†

دل چوي ٿي ڪاش درپن ٿي پوان،
عڪس تنهنجي جو مان مسڪن ٿي پوان.

جسم تنهنجي جون بهارون جي ملن،
مان تہ ويراني مان گلشن ٿي پوان.

آسرن جي باک ڦٽجي چانئجو!
مان جي مايوسين ۾ موهن ٿي پوان.

ارٿي ڪنهن جي آس جي ويندي ڏسي،
چاهہ ۾ چئي دل تہ چندن ٿي پوان.

آ تہ سجدو سونهن تنهنجيءَ کي ڪيان،
جيئن مشرڪ مان ڪو مومن ٿي پوان.

لٽا چپن تي چمين جا پوپٽ.
هوا ۾ اُڏريا وڻين جا پوپٽ!

هُنن جي رُخ تي بہ چمڪندڙ چپ،
لڳن پيا چاندنين جا پوپٽ.

بهار جهڙا ڏنا تو ٽهڪا،
ڪِڙي پيا دلبرين جا پوپٽ.

الائي ڪنھن کي پيا تلاشين،
پِيا جي نيرين اکين جا پوپٽ.

لٿي بدن تي ڪا جھوني موسم،
مِڙيا ڳلن تي جُھرين جا پوپٽ.

گلاب جھڙيون گھڙيون نہ چنجو،
اُڏامي ويندا خوشين جا پوپٽ.

غمن جي گھر کان اچو تہ ٻاھر،
ٽي ٻار پڪڙيون خوشين جا پوپٽ.

پتو نہ پيو ڪٿ اُڏي ويا ’راشد!‘
ھٿن مان جوين ـ گھڙين جا پوپٽ.

---

ھُن قبولي جو ٺاھ جي مالھا.
ڳنڍجي پئي جڙ تہ ساھ جي مالھا.

بزم ۾ ھر ڳلي جي آشا ھئي،
ھن جي پايون نگاھ جي مالھا.

ھوءَ چمين سان روز پُوئي ٿي،
منھنجي چپڙن تي چاھ جي مالھا.

عشق آوارگي ڪسي اھڙي،
ڪنھنجي ٿي پيا ھون راھ جي مالھا.

رات، ڪيڏي نہ خوشنصيب آھي،
جنھن کي پاتل آ ماھ جي مالھا.

خوف جا خار ڪٿ چُپين دل ۾،
ڪنھن آ اربي پناھ جي مالھا.

پل جي تسڪين جي لئہ ’راشد!‘
ڪير پائي گناھ جي مالھا!؟

اسان ڏي ڪر ڪا نهار جانان!
هتي وڃن غم ــ غبار جانان!

وجود ڦاسڻ جي لئہ آ آتو
وڇاءِ زلفن جا چار جانان!

نہ روڪ وڪرڻ ڪان واس ون کي،
هوا ۾ هي ڪول وار جانان!

ڪري جا موسم جو روح زخمي،
نہ ڇيڙ دک جي سا تار جانان!

وفا جو ڪيڏو بہ ٿئي پڪو گهر،
وڃهن ٿا شڪ، تن ۾ ڏار جانان!

پِگهار يادن جا هي گليشئير،
جَمي وئي آ ڇمار جانان!

اوهان جي رستن جي ڌوڙ آ ءِ ـ
رلن ٿا ’راشد‘ هزار جانان!

اسان جي تہ لکيل ڪتا پنڌ ۾ آ،
خبر ناهي ڇالئہ خدا پنڌ ۾ آ!؟

ٻرڻ ڏي ڇپن تي ڇمين جون ڏياتيون،
اڃا صبح جو سج متا! پنڌ ۾ آ.

وري خوف وڪرڻ جو ويڙهيو لڳن کي،
ٽيو خيال، غم جي هوا پنڌ ۾ آ.

جهڪي ٿي رهي آ ستارن جي جهرمٽ،
لڳي ٿو تہ هوءَ دلربا پنڌ ۾ آ.

اجا ڪين منهنجي مَٽي آهي قسمت،
اجا منهنجي شايد دعا پنڌ ۾ آ!

الئہ ڪنهنجي ڪنهنجي حياتيءَ کي ڳهندي،
وڇوڙي جي ’راشد‘ بَلا پنڌ ۾ آ!

†

ڪاش! اهڙي ڪلا هٿ اچي،
دل ڪٺڻ جي ادا هٿ اچي.

توکي پايان مان جنمن جي لئہ،
پُر اثر ڪا دعا هٿ اچي.

ڪجھ تہ دل جي گهُٽن گهٽ ٿئي،
لحظي لئہ ئي صبا هٿ اچي.

آنءُ ڪريان عيان لوڪ تي،
جي خدا جي ڪٿا هٿ اچي!

توکي ’راشد‘ لکائي لِڪئِي،
جي لِڪئِي جو خدا هٿ اچي!

†

پرھ جھڙو ڪوپلُ اکين ۾ آ،
شوخ، چنچل غزلُ اکين ۾ آ.

ھيءَ حياتي تہ ٿورڙي آھي،
پيار تولئہ ڳپلُ اکين ۾ آ.

ياد جي ڪا اچي پئي خوشبوءِ،
نانءُ ڪنھن جو ڏٺلُ اکين ۾ آ.

نيڻ ٺاري ويو مٺي جل جيان،
ڪنھن جو ٿيو ھي دخلُ اکين ۾ آ.

ڪلَ نہ ڪائي پئي زماني کي،
خواب ٿيو ڪو قتلُ اکين ۾ آ.

’ديس ڏسندين ضرور سپنن جو‘،
جي ارادو اٽلُ اکين ۾ آ.

ڦٽجي پوندئي نرم نگاھون اچ،
بيحسيءَ جو جبلُ اکين ۾ آ.

ھن جو رُخ آ ءِ روشني ’راشد!‘
چنڊ جڻ ڪو لٿلُ اکين ۾ آ.

تنھنجي منھنجي رضا تي بندش آ،
چو نہ جڳ جي جفا تي بندش آ!؟

ڪين ھڪ ٻي اجا سگھيا آھيون؟
پنھنجي شايد دعا تي بندش آ!

ڪٿن ماحول ۾ مَٿي موسم،
پريت واري فضا تي بندش آ!

قيد خوشبو ڪرڻ سڪيو آ ڪو
يا ڪٿي دلربا تي بندش آ!

ڇو اسان کي نہ ٿو ملائي پيو؟
ڪيئن چئجي، خدا تي بندش آ!؟

اڄ ئي سفر عشق جو سخت آ،
مٿان جون جو سج ٻٽيو بخت آ.

ڏسي رات آڪاش ۾ تارڙا،
لڳو تو رئي تي پريو پرت آ.

نئون رنگ ڪاڻان پريون روح ۾،
سڄو شهر بي رنگ، بي سمتُ آ.

وري ٿيو مُهاٽيءَ تي من مهربان،
وري چام هڪڙي ڏٺيو تخت آ.

نگاهن ۾ واري اُڏامي پئي،
وڇايو وڇوڙي جو ڪنهن دشت آ!

محبت جي مئہ جو ڇا تنهن کي پتو
جو دنيا ۾ پنهنجي سدا مست آ.

مٺي! تنهنجو ’راشد!‘ اهو آ اڃا،
گهڻو توٽي مَتجي ويو وقت آ.

تون وٺينءَ، آس ۾ ڏار پئجي ويا،
جڻ تہ آڪاس ۾ ڏار پئجي ويا!

پرم جو آئينو تو سنڀاليو نہ پئي،
نيٺ وشواس ۾ ڏار پئجي ويا!

ڪاڪلن مان ڪيڀا تو جو ڪانٽا بڪل،
قول جي واس ۾ ڏار پئجي ويا!

محققن ڪوڙ کي سچ لکيو آ، وري-
جاڻ - اتهاس ۾ ڏار پئجي ويا!

بزم ۾ مون هنيو هن جي وارن ۾ گل،
ڪنهن جي احساس ۾ ڏار پئجي ويا!

رُج جهاڳي، ڏنو جئن سنڌو سُڪل،
هرڻ جي پياس ۾ ڏار پئجي ويا!

عشق جي حاصلات ڪان اڳتي،
پنهنجي وک آ حيات ڪان اڳتي!

وصل جو واس تي هوا! گهل پل،
پاڻ پهتا هون تات ڪان اڳتي!

صبح - دوکي ۾ چو وساين بتيون؟
رات ئي آهي رات ڪان اڳتي!

ڪا بہ معنيٰ نہ تي رکي جانان!
بات بي تنهنجي بات ڪان اڳتي!

سي خدا جو چا ڏس پتو ڏيندا!
جن ڏٺو ئي نہ ذات کان اڳتي!

آنءُ پنهنجي تلاش ۾ آهيان!
ماٺ جهڙي ممات کان اڳتي!

زندگيءَ جا مزا چو ٽڪرايون؟
ناهہ ڪجهہ، آپگهات کان اڳتي!

پـرَ ڪنديري شعور جا ’راشد!‘
تو اُڏي ڪائنات کان اڳتي!

راتِ جو رڻ رقص ۾ هو ساهہ جا آواز ها،
چاهتن جا چئـنِ چپـڙن تي سُريلا ساز ها!

رات جي چُنري لهي پئي چانڊنيءَ جي هير تي،
پل ۾ اونداهين جا سارا پڙدا ٿي پيا راز ها.

واس ون جي جستجو ۾، ماڳ اهڙي تي پُڳي،
جن جا حاڪم نانگ، چيتا ۽ هنيلا باز ها.

ڪهڪشائن ۾ تلاشيون پيار جي جوتي پيا،
انت کان اڳتي پتو پيو عشق جا آغاز ها.

فرق ريکائن، ستارن ۽ نہ مذهب جو هيو،
*پنهنجي وڇڙڻ جا پيا پي ڪيترائي ڪاز ها!

وات ويندي مست نظرن پاڪرن ۾ جو پريس،
شرم جي گهاگهر مان ڇُلڪيا چوڪريءَ جا ناز ها.

ڪئن سڦل ’راشد‘ تپسيا، پيار پنهنجي جي ٿئي،
غرق جن جي غم ۾ هاسين، رب جيان بي نياز ها!

* ــ ڪاز: (cause) سبب، ڪارڻ

ٻڏل خون ۾ مون ڏٺا درد جا هٿ،
لکن پيا نئين ڪا ڪٿا درد جا هٿ.

چپن تي ڦٽي باک پئي ٿهڪڙن جي،
گهڙي پل ٽين جي ڍرا درد جا هٿ.

اکين ۾ اچڻ کان ويا خواب رهجي،
جئين روح تائين پڳا درد جا هٿ.

وري شام رخ مان ڇٽي تي اداسي،
ڪٿي گهرندا هوندا دعا درد جا هٿ!

انهيءَ جي حياتيءَ جو چهرو ڦري ٿو،
لڳن جنهن کي ڀي ٽا ڳرا درد جا هٿ.

الئه ڪنهن جا ارمان ماري ها آيا،
جشن اڄ ملهائن پيا درد جا هٿ!

وڏا ٿهڪ ڏين ٿو ڪرين ٿو مذاقون،
نه هن توکي ’راشد‘ لڳا درد جا هٿ!

†

عرش اربيا روڄ راڙا درد جا.
چو اسان لئه ٿيا ڏهاڙا درد جا؟!

جاتي ڀي کوٽي، تلاشي مون خوشي،
کوهه نڪتا کارا ياڙا درد جا!

چوطرف رانيات ئي رانيات هئا،
مون ڏٺا من ۾ جو واڙا درد جا!

عشق اهڙي ماڳ تي آيو وني،
شهر، محلا ۽ ها پاڙا درد جا!

آس جا زيور وڃائي مون ڇڏيا،
جو لڳن ٿا پو بہ ڏاڙا درد جا!

شام شاخون ايئن سڪل وڻ جون لڳيون،
انگ ها جڻ ڪي اگهاڙا درد جا!

اڄ ڦڪِي ٿي مرڪ مرڪون ٿا اسان،
ڪين ٿيندا هٿ ڪراڙا درد جا!

ڪا انوکي ڳالهہ ’راشد‘ مون ۾ آ،
روز مون ڏي هن ڇو لاڙا درد جا!؟

روح تنهنجي ۾ لڪا ناهيون اسان،
اڄ بہ توکي ويجهڙا ناهيون اسان!

ساهہ کان ويجهو هجون توکي ڪئين؟
ڪنهن بہ مذهب جا خدا ناهيون اسان!

ٿي جدا توکان سگهون ٿا سانوري!
پر جنم ـ گهر کان جدا ناهيون اسان!

تنهنجي زلفن کي سگهون ٿا ڪئن ڇُهي؟
ڳوٺ تنهنجي جي هوا ناهيون اسان!

ڇيري سينا آسمانن جا وڃي،
سا بلاول جي صدا ناهيون اسان!

پاڻ هون تاريخ نت نئين سنڌ جي،
اؤکي موهن جي ڪٿا ناهيون اسان!

ماءُ جي آهي دعا ’راشد‘ مگر،
ٿڌڙي جنّت جي هوا ناهيون اسان!

ٽيئي دل ۾ پيدا جو چاهت نئين،
ڪٽي غم اچي ٿو ڪا صورت نئين!

اچا هڪڙي پوري ٿي ٿئي ٿي مسين،
ڪڏي منهن تي گهر ۾ ضرورت نئين!

ٻنا پردي نڪتي آ شايد گهران!
جو چانيل آ رستن تي حيرت نئين!

سڏي منهن نہ ڪنهن سان ڪري ڳالهہ تي،
ملي هُن کي شايد آ شهرت نئين!

اچا وقت هڪڙي جو پورو نہ ٿيو
لڳا هن هُو جوڙڻ حڪومت نئين!

ناهي دل تان لٿو اچا تائين،
آ پرينءَ جو نشو اچا تائين.

ڪنهن جي خوشبوءَ پنيان هئي نڪتي،
دل جو ناهي پتو اچا تائين.

راهہ ڪنهن جي الئہ پيو تانگهي؟
دل جو خالي حصو اچا تائين.

وار جيڏي وٿي بہ ناهي پر،
ڪُتڪي تو فاصلو اچا تائين.

سوچ ناهي سگهي ڪا سُلجهائي،
موت جو مامرو اجا تائين.

سچ ڪيئي لتا چڙهيا ’راشد!‘
پنڌ آ قافلو اجا تائين.

ڪين ڪندا هئا، چاهہ ۾ گل هئا،
هُن وچائي ڇڏيا، راهہ ۾ گل هئا.

ماتمي باهہ جي ايئن مٿان ويا هليا،
جڻ تہ ٽانڊن جي آڙاهہ ۾ گل هئا.

چپ بي چين ٿيا پوپٽن وانگيان،
موتئي جا ٽڙيا ساهہ ۾ گل هئا.

ڪئن نہ بي تاب هن کي ڪري دردها،
مون اماڻي ڇڏيا، آهہ ۾ گل هئا.

کهڙو انڪار ’راشد‘ ڪيان ها ڀلا!
پيش محبوب ڪيا، ناهہ ۾ گل هئا.

شوخ ساگر جي لهر جو ڏيک هو
چلڪندڙ تنهنجي چنر جو ڏيک هو.

سنگ مرمر تي ڪنديل موتي لڳا،
جسم تنهنجيءَ تي پگهر جو ڏيک هو.

ساڻ ها احساس تنهنجا ريشمي،
چانورن جهڙي سفر جو ڏيک هو.

ياد جا البم ذهن ۾ پيا کُلي،
پنهنجي غم وانگر خبر جو ڏيک هو.

آڱريون وارن ۾ تون ڦيرين پئي،
توسان گهاريل ڪنهن پهر جو ڏيک هو.

تاڪ هن جي درين جا کُليا.
مون ڏي رستا خوشين جا کُليا.

هن جو ڪوليا بتڻ شرت جا.
راز جڻ روشنين جا کُليا.

هوءَ ويني آ سينگار لئه،
ياڳ اج آرسين جا کُليا.

گونجيو آواز گوليءَ جو
پرَ اڏڻ لئه پکين جا کُليا.

يادگيرين جو جهوتو لڳو،
سبب سارا وٿين جا کُليا.

زندگيءَ جا سڀ مزا توسان هئا،
پوڳ، چرچا، چهچٽا توسان هئا.

تو وڇايون ويجهڙايون عمر پر،
پو بہ چالئہ فاصلا توسان هئا!

تون اُٿينءَ، اٿندا ويا هڪ هڪ ٿي سڀ،
بزم ۾ سڀ منچلا توسان هئا!

تو جئين چاهيو ائين ٿيندو رهيو،
جڻ خدا جا فيصلا توسان هئا.

مسڪرائيندڙ زماني جا بدن،
تنهنجي نيڻن سان ڏٺا، توسان هئا!

دل ڪٽي، کهڙي وجان سنسار ڏي،
پيار جا سڀ گم پتا توسان هئا!

توکي پيي پهرين نظر ۾ چا لڳو؟
روح جا اڳ رابطا توسان هئا.

پيير پنهنجا هئا، پيچري سخت تي،
او مني! چا مڙهيون ڏوهه ڪوبخت تي!

چاهتن جون سنڀالي ڏياتيون رکو
رخ هوائن جو آهي انهيءَ سمت تي!

رب آڪاش تان پئي تماشو ڏٺو
تي نمازين ڪيون مسخريون مست تي!

آ سليقي سان، ساڳيو ئي وحشي پڻو
خونريزي اچا تي ٿئي تخت تي!

زندگيءَ ۾ نه حاصل ڪري سگهندين ڪجهه،
ايئن جي ياڙيئه سدا مون جيان وقت تي!

پيار پنهنجو وفا بادلن جي هئي،
جڻ تہ ’راشدا!‘ وسيا، عمر پر دشت تي!

†

رات ڪي پاتل لتا ڪارا هئا.
چنڊ پڙ ۾ ماتمي تارا هئا.

ڳوٺ ڪانو ڪانو تي ويو چين جو
ياد جي دريا ۾ پيا گهارا هئا.

درد جا دل تي ائين پڻچي لتا،
جڻ تہ دل ۾ ڪٽڪ جا ٻارا هئا!

قلب ڪلرائو هيو سنسار جو
پيار جيڪي پي مليا ڪارا هئا!

ڪير ۾ بادام پستي جي مثل،
پيار تنهنجي جا وکر پيارا هئا.

ڏُک ڏهين جهڙو لٿو ڪو عرش تان،
رتُ ۾ رڱيل دل جا سڀ چارا هئا!

وٺي انت تو ٻيو جنم انت ڪان پو،
ڪٿي تو سفر تي ختم انت ڪان پو!

فنا جي چنبڙي خاڪ آياسين تو وٽ،
بقا جو جڙيو آ ڀرم انت ڪان پو!

اجا نيڻ بيتاب ڳولين پيا ڇا؟
وڌي پيو تو ڪاڏي قدم، انت ڪان پو!

هئا خواب ڪيڏا نہ ملنداسين توسان،
سگهيا تي نہ پورا صنم، انت ڪان پو!

سڄي عمر گذري وئي رائگان هت،
ڏسون ڇا ملن ٿا ڪرم، انت ڪان پو!؟

اسان راز ’راشد‘ نہ کوليا خدا جا،
لکي زندگيءَ ۾ نظم، انت ڪان پو!

پٽڪيلن کي چراغ ڏيندي وڃ،
منزلن جا سراغ ڏيندي وڃ.

تون تہ کيڏين پئي بهارن سان،
برپٽن کي بہ باغ ڏيندي وڃ.

جئن نہ توکي سگهان وساري مان،
دوستيءَ ۾ ڪي داغ ڏيندي وڃ.

پل اسان جون دليون ڪنيون وڃ من!
پر اسان جا دماغ ڏيندي وڃ.

ڏانءُ جيئڻ جو ڏي سوا پنهنجي،
*پوءِ 'راشد' کي راغ ڏيندي وڃ.

✝

* راغ : برپٽ، صحرا

مون کي منهنجي چوي اڪيلائي،
هُن سوا ڪيتري آ تنهائي!

راڳ ڇيڙي فراق جو راڳيءَ،
يادگيرين جي باهہ پڙڪائي.

هر نظارو لڳي تو ڏنڌلڪو،
ڪا اکين ۾ لٿي اداسائي.

آس جي چو نٿي ڪڙي اندلٺ!
چو غمن جي نئين گهٽا آئي؟

سڀ اُڏي ويا پکي قرارن جا،
تو اکين جي آ منڊ بدلائي.

ڪنهن تمنّا کي ڪئن ملي آٿت!
هر پرينءَ جي پري آ پرڇائي.

چين دل کي اچي نہ توڪاڻي،
توسوا چانوَيي لڳي تائي.

’توکي مون ۾ متان پسي ڪوئي.‘
پاڻ ويڙهي رهيو آ سودائي.

وهم ’راشد‘ ويا وڪوڙيندا،
دل ۾ جئن جئن وڌي نراسائي.

✝

دورين جو بي ڪنارو دريا نظر اچي ٿو
اڄ پيار پنهنجو ٻُڏندي پيارا نظر اچي ٿو.

محبوب! ٿيڪي ٿيڪي توڏي اچان ٿوپويي،
بي انت فاصلن جو صحرا نظر اچي ٿو.

امڪانُ ڪو بہ ناهي پنهنجي وري ملڻ جو
جيون سجوئي هاڻي تنها نظر اچي ٿو.

ڪاٿي وڃي مان ڳوليان,سُک چين زندگيءَ جو؟
چوڦير مون کي محشر برپا نظر اچي ٿو.

ڳڏجي ڏٺو هيوسين جيڪو چئن اکين سان،
سو خواب ٿيندي ٽڪرا ٽڪرا نظر اچي ٿو.

مرڪن جا باقي موتي ڪاٿي وڃي لڪايان؟
ڏاڍيلُ دردُ ڦرندو هرجا نظر اچي ٿو.

جيڏو لڪاءِ ’راشد‘ آخر تہ پڌرو ٿيندو!
غم تنهنجي دل ۾ ٿيندي پيدا نظر اچي ٿو.

✝

جي ملي تنهنجو سهارو ساهہ کي،
پار دردن جي ڪيان درياهہ کي.

گهر جي آڳر تي تہ ٻاريان مشعلون،
دور دل جي ڪئن ڪيان اونداهہ کي؟!

آس جي هر ڪا ندي وئي آ سُڪي،
ڪئن سُڪايان وسوسن جي واهہ کي!؟

هي جنم پيو ياد تنهنجيءَ ۾ ڪٽيان،
پر صدين جي ڇا ڇوان مان ڇاهہ کي!

جا شرابن باهہ ٻاري آ چڙهي،
ڪئن وسايان مان اُنهيءَ آڙاهہ کي!

جُهڙ غمن جو مان هٽائي پيو ڇڏيان،
ڪيئن محرومين جي لاهيان ماهہ کي!؟

جت سگهي پهچي نہ هُن جي ياد ڪا،
آ تہ ’راشد‘ ڳوليون اُن راهہ کي.

---

چانڊني ڪنهنجي ڇٽي پئي چاهہ مان،
زندگي آزاد ٿي اونداهہ مان!

آرزو توکي ڏسڻ جي مان ڪٽي،
روز گذران پيو نئين آڙاهہ مان.

ٿي اچين ويجهو جڏهن پيو گلبدن،
دل گُهري خوشبو اچي ٿي ساهہ مان.

درد دل جو ڪونہ گهٽبو. آ يقين،
پوءِ ڪهڙو فائدو ڪنهن آهہ مان!

تنهنجي قدمن ۾ فنا ٿيندي اُها،
جا ڦُٽي آ راهه، نيريءَ راهه مان.

چو نه توتي ڪي غزل ’راشد‘ لکي،
چينُ ٿو ماڻي سندءِ ساراهه مان.

سندس پيار جو جي سهارو مليو ها،
نه خوابن کي منهنجي ڪنارو مليو ها.

غمن جي ڪُنن ۾ نه سپنا ٻڏن ها،
اميدن جي ڪشتي، جي يارو مليو ها.

خدا کان به توکي سگهان ها چني جي،
وفائن جو هڪڙو اشارو مليو ها.

لکيرون لکيرن سان پل نه ملن ها،
ستاري سان تنهنجي ستارو مليو ها.

اچن ها خيالات چو خودڪشيءَ جا؟
حياتيءَ کي جي جيءَ جيارو مليو ها.

گهتين ۾ چويادن جي گم ٿي وڃان ها؟
توهانجي جو چاهت جو چارو مليو ها!

وڃن ها سيئي درد ’راشد‘ اڏامي،
جي نظرن کي تنهنجو نظارو مليو ها.

نيڻ، نغما، شباب، موسيقي،
مئڪدي ۾ شراب، موسيقي.

هوءَ ملائي نہ سُر يلي سُرَ سان،
هن جو سارو حجاب، موسيقي.

غزل جهڙو بدن رکي سامهون،
گنگنائي تہ خواب، موسيقي.

گيت ٻڌجي گُهلي جو سازن ۾،
ٿي وڃي گل گلاب موسيقي.

چپَ چپن تي رکي ٻڌائي هُن،
رات ڀر لاجواب، موسيقي.

راڳ جنهن تي نہ هوءَ هجي رقصان،
ڏي ٿي ’راشد‘ عذاب، موسيقي.

†

هي غمن جو پري جهڙالو ٿئي،
نيڻ کڻ، او مني! اُجالو ٿئي!

چاهتي دل چوي تہ جيوت ۾،
پيار تنهنجو فقط حوالو ٿئي!

خواهشن جي اچي وسي بارش،
ڪجهہ تہ تن جو سراب آلو ٿئي!

باک ٻڌجي اچين جي جيون ۾،
نينهن نکري نئون نرالو ٿئي!

جوش جهومي ڏسي توکي ائن، جئن،
ٽر ۾ بادل ڏسي جمالو ٽئي!

پيار مان تون ڪٽي پڙهين ’راشد‘
روپ منهنجو اهو رسالو ٿئي!

رکيا عشق، انسان سارا نشي ۾،
اسين ئي چو ناهيون پيارا نشي ۾!؟

ڏسي تنهنجي نيڻن جا منظر نشيلا،
لڳا مئڪدا ۽ نظارا نشي ۾.

ڪريا چند قطرا پگهر جا ڳلن تان،
ٿيا مئڪشن وانگي چارا نشي ۾.

لٿو يادگيري ۾ هو جسم تنهنجو
ڏسي چند ننگوءِ تارا نشي ۾.

ڏسي سونهن تنهنجي ڪريا ڪيئي قدمين،
فلڪ تان فنا ٿي ستارا نشي ۾.

ڇُهي پير تنهنجا تہ چوليون هليون وين،
مگر ڪوئجي ويا ڪنارا نشي ۾.

ٿي بيخود ويو هو اُنهيءَ رات ’راشد‘،
ڏئي مئہ، ڏنا تو سهارا نشي ۾.

تو پري پردو ڪيو جو چاهه تان،
چڻ تہ ڪنهن بادل هٽايا ماهه تان!

چاهه جي چانڊاڻ ٿي وئي چوطرف،
تنهنجي منهنجي عشق جي افواهه تان.

ڏنڏ دردن جو لٿو دل تان مٿي!
تو مُڙي مرڪي ڏٺو جئن راهه تان.

فاصلا صدين جا پل ۾ مَٽجي ويا،
تنهنجي پڇتاوي جي هڪڙيءَ آهه تان.

نيڻ خوابن جا اتارين چين ۾،
جاڳ جي جيڪر ڪٽي آڙاهه تان.

’خوش نصيبن کي ملي هت پيار تو،‘
سانجهہ لهندي ٿي چيو درياهه تان.

باک ايندي پاڻ وٽ ’راشد‘ تڏهن،
هٽّ ڪٽنداسين جڏهن اونداهه تان.

†

باک ’موهن جي دڙي‘ تي ڦٽي ناهي،
سوچ جي روشن اجا ڪا گهٽي ناهي!

چوطرف آهي ڏنڏلڪو ئي ڏنڏلڪو،
ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي تہ صورت چٽي ناهي!

شخص اهڙو ڪو بہ سنسار ۾ ڪونهي،
عشق ۾ جنهن جي ڪڏهن دل ٽٽي ناهي!

درد ڪيڏو آ تراشيو منهنجي من کي،
ياد تنهنجي پو بہ دل تان مٽي ناهي.

وهڪري ۾ وقت جي وئي لڙهي هر شئي،
تو ملڻ جي سِڪَ اجا ڪا سٽي ناهي!

پيار جي معنيٰ ڏسيندين تون چا ’راشد!‘
پيار جي ڪنهن ڪان پڙهي توپَٽي ناهي!

اڄ پيي آهن نيڻ سفر ۾،
ڪو نہ ٿڪا هن نيڻ سفر ۾!

پلُ بہ خدا جي نيٽن وانگي،
ڪو نہ ستا هن نيڻ سفر ۾!

خبر اٿن ڪا منزل ناهي،
تہ بہ نڪتا هن نيڻ سفر ۾!

تنهنجا نيڻ تہ منزل پهتا،
پنهنجا اجا هن نيڻ سفر ۾!

راهن ڪان پڇ ’راشد‘ تو لئہ،
ڪئن نہ رنا هن نيڻ سفر ۾!

واعدو اڪثر ڪرڻ سولو لڳي،
پر نڀائڻ تو اهو اولو لڳي!

ڇا ڪيان واکاڻ هن جي حُسن جي!
پڙڪندڙ تو باهہ جو شعلو لڳي.

دوستيءَ جي ڳالهہ تو دشمن ڪري،
دوستن ڪي ڳالهہ ۾ رولو لڳي!

رات جو آڪاش تارن سان ڀريل،
تنهنجو شيشي تي ڀريل چولو لڳي.

ان گهتيءَ ۾ گل ٽڙن ڪئن پيار جا؟
جاتي ڪلفت جو سدا جُهولو لڳي!

هُو ڀَلو آ پنهنجي سر ’راشد‘ مگر،
هُن جو ظالم تو سجو ٽولو لڳي.

سينو سينو وفا کان خالي آ،
هوءَ خلا، جئن هوا کان خالي آ!

هرڪو پنهنجي ڪري تو من ماني،
ڇڻ تہ دنيا خدا کان خالي آ!

حُسن اهو حَسينُ ڇا چئجي؟
جيڪو ناز و ادا کان خالي آ!

ڀل تہ تهجد گذار ئي ٿئي پر،
آدمي ڪٿ خطا کان خالي آ!

آس رکجي ڇا ان ۾ واهر جي؟
هٿ جنهن جو سخا کان خالي آ!

ان مان خوشبو اچي خدا جي ڪئن،
روح جنهن جو ٿنا ڪان خالي آ!

هل تہ ’راشد!‘ هلون اُجالن ڏي،
هت زمانو ضيا ڪان خالي آ!

ويران تو سوا هر منظر نظر اچي ٿو
سنسار سارو مون کي ڪنڊر نظر اچي ٿو.

ڏيئا خوشين جا روشن ساري شهر ۾ ناهن،
اونداھہ ۾ ٻڏل اڄ هر گهر نظر اچي ٿو.

من جو ڪئن مصور تصويرون ٺئي جون ٺاهي،
توکان سوا نہ ٻيو ڪو سندر نظر اچي ٿو.

هُن زلف ڪجھ هٽايا چهري تان پنهنجي هوندا،
اڄ آسمان تڏهن منور نظر اچي ٿو.

محسوس ٿي رهي آ هر شئي مون کي بي معنيٰ،
پنهنجو جو خالي خالي اندر نظر اچي ٿو.

هن ديوتا جي منهن تان چارو ڪوئي هٽائي،
صدين کان هن جو اُجڙيل مندر نظر اچي ٿو.

محبوب! ڪئن هٽايان توتان مان پنهنجون نظرون،
تو ۾ تہ مون کي پنهنجو مقدر نظر اچي ٿو.

اڌ رات ٿي وئي آ، ڏِيَ تي آ ويٺو پٽيچي،
تو وانگي هو بہ ’راشد‘ بي گهر نظر اچي ٿو.

تنهنجا جلوه جو جابجا ٿي ويا،
هوش يارن جا لاپتا ٿي ويا.

سينڊ تنهنجي ۾ جي سجي نہ سگهيا،
سي ئي تارا ٽُٽي فنا ٿي ويا.

جنهن تي ترڇي نظر پئي تنهنجي،
عمر لئہ تن کي جڙ نشا ٿي ويا.

تاب لائي نہ تنهنجي تجلين جو
طُور ڪيئي ذرا ذرا ٿي ويا.

پاڻ پوڄيوسي جنهن بہ پٿر کي،
سي تہ پڳوان ۽ خدا ٿي ويا.

ڏيندي ڏيندي ثبوت الفت جو
ڪيئي ’راشد‘ ڳيا ڳيا ٿي ويا.

بند ڪمرو، شراب، تنهائي،
مون کي ارپيو جناب، تنهائي!

ٿهڪ هُن جا جو ورڪيا ڪمري ۾،
تي وئي گل گلاب، تنهائي.

جنهن جي سٽ سٽ پريل سناتي سان،
آهي اهڙو ڪتاب، تنهائي.

عشق جي اُڃ وڃي نہ ڪيئن وڌي،
ساٿ تنهنجو سراب! تنهائي.

مون نہ ڄاتو تہ ائن ڪٽي ايندي،
ڪوئي رنگين خواب، تنهائي.

خواهشون ڪئن نہ ڏين انگڙايون،
اوج تي آ شباب، تنهائي.

جسم سان روح پيي هيو رقصان،
جئن وجي پيو رباب، تنهائي.

خيال توڪان اچي ٿو وچڙڻ جو
تي وجي ٿي عذاب، تنهائي.

رات، جذبا، شباب، بي قابو
رقص، محفل، شراب، بي قابو.

هُن جي خوشبو جو باغ ۾ پهتي،
تي پيا گل گلاب، بي قابو.

هن جي نيڻن جو اُپ ڇهڻ جي لئہ،
هن نظر جا عقاب، بي قابو.

روز هُن سان هلي ملائن ٿا،
مون ڪي منهنجا هي خواب، بي قابو.

وات ويندي ڏنو جو هُن مرڪي،
ڪيئي ٿي پيا جناب، بي قابو.

ڪهڙي جذبي تي قابو ڪيان ’راشدا!‘
هِن سمورا سراب، بي قابو.

هوريان هوا، جو لوڏي وڻ جي وئي پتن کي،
احساس ڪنهنجا دل جي ڇهندا ويا تهن کي.

تصوير ڪنهنجي ڌنڌلي ڌنڌلي لٿي ذهن ۾،
ورهين کان بعد ڏسندي ٿي ڳوٺ جي دڳن کي.

جو چانوَ ۾ اجهو ڏئي ڪنهن کي نٿو سگهي، رب!
انسان چا ڪري اُن هيڏي وڏي ڳگن کي!؟

نڪري خيال تنهنجا ڪاٿان الئہ اچن ٿا،
تالا تہ ڪوڙ آهن، دل جي هنيا درن کي!

برسات اهڙي برسي نيڻن جي ڳوٺڙن ۾،
ڊاهي ڀڃي ڇڏيائين سپنن جي جهوپڙن کي!

گلڙا ٽڙڻ کان اڳ ئي ڇڻندا وڃن ٿا سک جا،
ڪنهن جي نظر لڳي وئي آ سنڌ جي چمن کي!

ناهن خدا، تو چاٽان، پر ڪا تہ ڳالهہ آهي،
انسان جو ڪروڙين پوڄين پيا ٻتن کي!

ڳڙڪيون ڳُلڻ سان ٿي ويو ڪمرو تہ وائکو پر،
پنهنجي ڪئين گهٽايان اندر جي مان گهٽن کي!

ٻوڙي ويو بدن ۾ احساس اڻ ڏٺو ڪو،
ريشم کان تنهنجي نازڪ سپرين ڏسي هٿن کي.

آلودگي تہ وڌندي، پٽيجي بہ ٿيندا بي گهر،
ماڻهو ويا وڃيندا ان ريت جي وٽن کي!

خط ۾ خوشي مُڪي ٿي جڻ هوءَ لڪائي مون ڏي،
’راشد‘ خبر الائي ڏي ڪير تو غمن کي!؟

راتِ جي روشنين ۾ گم ٿي ويا.
پيار جي ٻن گهڙين ۾ گم ٿي ويا.

پيار ساري اڳئين جنم جو هُـو
ويني ويني صدين ۾ گم ٿي ويا.

پنهنجي قسمت جا سڀ ٽٽي تارا،
ڪنهنجي نيڻن ـ ندين ۾ گم ٿي ويا.

مون تہ خود کي وڃي لڌو ليڪن،
هوش، ڪارين اکين ۾ گم ٿي ويا.

هُـو جو ورهين کان پو مليا ڏگ تي،
ياڪرن ۽ چمين ۾ گم ٿي ويا.

زندگيءَ سان ڪري هُـو سمجهوتو،
پنهنجي گهر جي خوشين ۾ گم ٿي ويا.

جيڪي نڪتا نہ خول پنهنجي مان،
وقت جي سي وٿين ۾ گم ٿي ويا.

ڪنهنجو رُخ ريشمي پسڻ جي لئہ،
نيڻ ڇهري ـ جُهرين ۾ گم ٿي ويا.

ڪين دنيا ڪي تن لڌو ’راشد!‘
جيڪي غم جي گهٽين ۾ گم ٿي ويا.

---

زمانو سڄو آ، جزا جي اکين ۾،
اسان ئي ڇو آهيون سزا جي اکين ۾!؟

توهان لاءِ آئيون ڪٿان روشني ڪا؟
اسين بند هون خود غفا جي اکين ۾!

پُڇي هُن جي خوشبو اسان تائين ڪيئين؟
اسان جو نہ آ گهر، صبا جي اکين ۾!

ٻين جي گهرن ۾ ٻہ ڏيئا ٻرن ٿا،
ڇو پنهنجو ڏيئو آ هوا جي اکين ۾!

اسان کي نہ اربي خوشيءَ جو پهر ٿو
اسان ڇا نہ آهيون خدا جي اکين ۾!؟

لڳي ٿو تہ ٻي گهر اسان ٿي ويا هون،
جڏهن کان نہ هون دلربا جي اکين ۾!

بقا جي اکين مان ڪڍي ڪنهن تہ ’راشد!‘
رکيو آ اسان کي فنا جي اکين ۾!

جياپي لاءِ جيئڻ هي هوا ضروري آ.
مون لاءِ تنهنجي ايئن ئي وفا ضروري آ.

شفا خدا جي آ هٿ ۾ نه ڪي جراحن جي،
مريض لاءِ دوا سان دعا ضروري آ.

مناس ڪيڏو به آواز ۾ هجي ڪنهن جي،
سنو گوئيو ٿيڻ لئه ڪلا ضروري آ.

ائين نه ٿئي جو حياتي گناهه ۾ گهارين!
او گهوٽ! ڪنوار جي دل سان رضا ضروري آ.

ملڻ جو وقت ڏئي پو ملي سگهون نه اگر،
نماز وانگي پو ان جي قضا ضروري آ.

وصل جا رنگ سگهن ٿا وري مِڙي دل ۾،
اوهان جي موٽ جي سرهي فضا ضروري آ.

پلي ڪيو نه چپن تان پري سندس نالو
ڪرڻ خدا جي به ’راشد‘ ثنا ضروري آ.

منئي! تون جو آهين نهارن کان پرتي،
اسان جون اکيون هن خمارن کان پرتي.

خلا جهڙي ماحول ۾ ٿا گذاريون،
زماني جي پريل بزارن کان پرتي.

چپن تي چا تڙندا محبت جا موتيا؟
اوهان جي چمين جي بهارن کان پرتي.

نه تي رات هاٽي لڳي ريشمي ڪا،
رهي ريشمي تنهنجي وارن کان پرتي!

لڳي تو ته جنت مان تڙيا ويا هون،
توهان جي جو آهيون نظارن کان پرتي.

خوشي چا ملھايون، ڇا ڳايون جمالا!
حياتي آ يارن ۽ پيارن ڪان پرتي.

مقدر ۾ ’راشد‘ ملڻ آ، الئہ نہ؟!
اجا ناوَ آھي ڪنارن ڪان پرتي.

وصل مان جو وٺين جنم ورتو
گھاوَ جھڙين گھڙين جنم ورتو.

عشق خوشبوءِ تي لڳو اُڏرڻ،
جئن چپن تي چمين جنم ورتو.

ھُن ھوا ۾ ڇڏي چني ڪولي،
پونءِ تي چاندنين جنم ورتو.

درد بي چين تي پيا چالئہ؟
پنھنجي گھر، جي خوشين جنم ورتو.

ڇا اِڳي فاصلا ھا گھٽ ’راشد‘!؟
جو وڇان ۾ گھٽين جنم ورتو.

ڪين پرجي سگھي خلا دل جي،
خالي دنيا رھي سدا دل جي!

عمر پر هُن جو ڏس پتو نہ مليو،
پتڪندي پئي رهي صدا دل جي!

ويجهو هوندي جدا هون جنمن کان،
ڪنهن کي ڏسجي اِها، ڪٿا دل جي!؟

رب ٻڌڻ آ چڙي ڏني شايد،
جو نہ پوري ٿي ٿئي دعا دل جي!

اُج اُجهائي متان وڃون ڪنهن جي،
هل وسايون ڪٿي گهٽا دل جي!

سرمئي سانجهہ جو نديءَ پرسان،
ڪٿ نہ سڙندي رهي چتا دل جي!

ڪو تہ ارمان آ مئو دل جو
سوڳ ۾ آ سجي فضا دل جي!

زلف ڪنهن جا وري ڇهڻ جي لئہ،
ڪيڏي بي چين آ هوا دل جي!

پيار سان پيار ڏيو تہ ’راشد‘ ڏيو
آنءُ کهڙي وٺان بها دل جي!

†

پنهنجي وس کان نہ مون گهٽايو آ،
ناز تنهنجو پرين! سوايو آ!

اُس ساڙي تہ مونکي ڪٿ ساڙي؟
سارَ تنهنجي جو مون تي سايو آ.

پوپٽن کي ڏسڻ جي خواهش ۾،
شام گلدان کي سجايو آ.

ايڏو مون وٽ لٽو سناٽو ڇو؟
ميڙ يارن ڪٿي مچايو آ!

ڳالھ تي ڳند جو ٻڌي ويهي،
بحث ان سان ڪرڻ اجايو آ!

ڪين ويڙهيو وڃي پيو مون کان،
تو وڇوڙو ائين وڇايو آ!

منهنجو ڪو واسطو نہ تي ’راشد!‘
عشق سان پاڻ تو اُچايو آ!

رُتن جي اربيا نهار جا گل،
ڪڙيا بدن ۾ قرار جا گل!

حواس خوشبو ۾ ڪوئجي ويا،
اکين جو آڇيا خمار جا گل.

هنن جي چمين جي پوپٽن لئہ،
ٽڙن ٿا چپڙن تي سار جا گل.

رکيا نہ راهن ۾ ڪنهن اسان لئہ،
ڪڏهن بہ ڪي انتظار جا گل.

الئہ جميا هاسين ڪهڙيءَ رُت ۾!
مليا نہ ڪنهن کان بہ پيار جا گل!

اسان جي شايد نہ هن لَڪئي ۾،
هُنن جي ٻانهُن جي هار جا گل.

ملڻ اسان جو ٿئي تہ ڪئن ٿي؟
اسين خزان، هُو بهار جا گل!

نہ شال! ڪومائجن ڪڏهن ٻي،
اميد ۽ اعتبار جا گلَ.

الائي ڪيسين حيات ’راشد!‘
وجن ٿا چڙهندا جمار جا گل.

رب ڏئي ۾ جنم وٺان هر هر،
سنڌ! تنهنجي مٿان مران هر هر.

جيءَ سان تون پئي جو جوڙيندين،
دل تہ چوندي پيو ٻڌان هر هر.

تون جي ارپين بسنت ياڪر جي،
مان تہ پن تي پيو چٽان هر هر.

مور وانگي نچين تون بارش ۾،
ٿر جي واريءَ تي مان وسان هر هر.

گهنج منهن ۾ وجهي ملين ٿو پيو،
تو ڏي ’راشد‘ ڪئين اچان هر هر!

---

ڪيترو محشر هو برپا فاصلي ۾!
دل جي دنيا اڄ بہ آهي ٿرٿلي ۾.

ڪين ثابت منهنجو ڪو سپنو رهيو، من!
زندگي گذري سڄي جڻ زلزلي ۾!

تو ڪڏهن چيڙيون نہ ڳالهيون چاهتن جون،
هر دفعي آئينءَ، جڳ جي سلسلي ۾.

ڪين تنهائي ڏنو هو ڪو سهارو!
تو پريںءَ وانگر، نراسيل مرحلي ۾.

چنڊ پاڳل تي ويو هو سانوڻيءَ جو،
تو سان گڏ لڏندي ڏسي هڪ ڇِيڪلي ۾.

زندگي ’راشد‘ ائين محسوس ٿئي پئي،
ڪنهن پيڙ جي آهيان جڻ جرجلي ۾.

اُڀ ۾ تارا جو جڳمڳائن پيا،
چارُ يادن جو جڻ وچائن پيا!

تڪرا تڪرا ٿي ويا جذڻ جذبا،
پو ٻڌوسين تہ آزمائن پيا!

هوءَ لڪيرن ۾ هئي مگر نہ ملي،
نيڻ سپنا اجان سجائن پيا!

گهاءَ ڏيڻا اجان اٿن شايد،
هُو جو هلڪا زخم گهتائن پيا!

نيڻ هن جا اهو ئا ڏين تاثر،
دل ۾ ڪا ڳالهہ هُو لڪائن پيا.

هيڪلاين ڪي ڀيو جنم اريي،
چو زماني هتان وڌائن پيا؟

ڪهڙي دل تا رکن اهي ’راشد!‘
دوست نندپڻ جا، جي پلائن پيا!

چا تو ياسي الئہ هوا جو رُخ؟
ڏنڏلو ڏنڏلو فضا جو رُخ!

چو نہ پھتي، نہ ڄاڻ رب تائين؟
عرش ڏي هو نئين دعا جو رُخ!

من ٺرڻ لئہ اُتاولو ٿي پيو
مينهن جهڙو ڏسي گھٽا جو رُخ!

هُن جو مدت کان پو ڏٺو مرڪي،
ويو مٽائي سڄي ڪٿا جو رُخ!

ڪنهنجي نيڻن جي ياد ڏياري ٿو
سرخ ۽ سرمئي مَسا جو رُخ!

اڄ نہ دل جون دريون ڇُهي گذري،
ڪنهن طرف هو الئہ صبا جو رُخ!

نيت نظرِ ڪرم ڪندو 'راشد!'
آهي جي هر طرف خدا جو رُخ!

†

گهلي هوا ۾ ڪنهن جي هيءَ صدا لهو ۾ لال آ،
'اروڙ' جي زمين ۽ فضا لهو ۾ لال آ.

ڇٽي چا روشني سماج ۾ دلين جي ديپ مان،
چپن جي نرم گهاٽ تي رضا لهو ۾ لال آ!

وري ڪا ذرد ذرد شام، ساز ساز ۾ لٽي،
تي پيروي وڍي اندر ڪلا لهو ۾ لال آ!

ضرور بي گناهہ تي گناهہ ڪنهن مُڙهيو وري،
گجي ٿو آسمان ۽ گهٽا لهو ۾ لال آ!

تپي تپي زمين تي آ سرخ، رت جيان وري،
ٻڌائي ڪربلا جي ڪنهن ڪٿا لهو ۾ لال آ!

شهيد جي لباس جان، لهوءَ ۾ لال آ شفق،
چا ڪنهن جِي عرش تي پُڳي، دعا لهو ۾ لال آ!؟

†

شام مينهوڳيءَ جا امڪان هن،
مُور تي جهومڻ لڳا ارمان هن.

ڪير ويڙهائي اسان سان چو نہ تو؟
يادگيرين جا کُلي پيا ٽانَ هن.

گهاوَ ٻدران گل اچا ارپن پيا،
ڏؤر ڪهڙي جا اهي انسان هن!

ڏنڌ ۾ آڪاس سارو آ وتل،
تو لڳي اڇٽا وڏا طوفان هن!

ٻوڏ آئي آ ڪتان هيءَ سونهن جي،
وڻ جيان اُکڙي پيا ايمان هن.

قتل جنهن هٿيار سان ’راشد‘ ٿيو،
ان تي يارن جا مليا نيشان هن!

لٿي شام نيٽن ۾ ڪا دائمي آ،
نيايو جو تعلق ٻچيو باهمي آ!

فضا ۾ وڄڻ هن لڳا جلترنگ ڪي،
تڙيو ٿهڪ ڪنهن جو وري طلسمي آ.

اجا پي پڳا چو نہ روحن جا رستا،
مٺي! رات ساري ٻٽي شبنمي آ!

ڪٽيو پهر تنهنجي آ وارن جي ويجهو،
سڄي زندگي تي وئي ريشمي آ.

ٻٽيو وقت آ خودڪشيءَ جهڙو پو پي،
وڏي ڳالهہ آ جيئرو آدمي آ.

ڪڏهن خول پنهنجيءَ جي هستي مان نڪري،
ڏسڻ رنگ سنسار جو لازمي آ.

اجا درد پوڳيون غلاميءَ جا ڪيڏا!
خدا ڪي چا پنهنجي وٽي خادمي آ!؟

جهجها درد 'راشد' اچن ٿا حصي ۾،
ڏني ربّ ڪنهن جي هٿين ساهمي آ؟

ڌ

دل جي ندي ۾ ايندا طوفان ڪيترا!
ٻُڏندا اجا اسان جا ارمان ڪيترا!

گذري وئي سلاخن پويان حيات آ،
رب جاٽي هن لڪئي ۾ زندان ڪيترا!

چورائجي ويا زيور چين جا تہ پي،
بينا ڏوار تي ها، دربان ڪيترا!

چائون چڏي رٽن ۾ خيما تي ڪوڙيون؟
جڳ ۾ هئا اسان جئن نادان ڪيترا؟

بي ڏوهہ پاڻ ڪي ڪو ثابت ڪرڻ جي لئہ،
بي ڏوهہ سر تي کڻندو قرآن ڪيترا!

توپي نہ ڳوليو پيو ريٽي هوا بہ وئي،
مون راهہ ۾ چڏيا ها نيشان ڪيترا!

هڪ شئي جي انت مان ئي پي تي جنم وٺي،

هن راز کي ٿا سمجهن انسان ڪيترا!

ديجي ويا سي ’راشد‘، ماضي جي ملبي ۾،
پنهنجي هٿا جيئڻ جا امڪان ڪيترا!

هن جون جئن جئن سڳيون ويون کُلنديون،
واس ون جون ڳنڍيون ويون کُلنديون.

جئن ئي چهرو ڏنائون سورج جو
ڏيري ڏيري ڪليون ويون کُلنديون.

شام ڏاري جو وئي وڌي پوست،
جهت گهرن جو دريون ويون کُلنديون.

پنڌ رُڄ جو ويو وڌو ٿيندو،
قافلي ۾ ڪَلِيون ويون کُلنديون.

وقت منتر پڙهيو الئه ڪهڙو؟
قرب واريون ڪڙيون ويون کُلنديون.

تون جو آئينءَ ته ماٺ ــ رقص ٿئو
بزم ۾ ڳالهڙيون ويون کُلنديون.

جيئن اسان تي کُلي حقيقت وئي،
تيئن اسان جون اکيون ويون کُلنديون.

چاهتن جو چنڊ جي ڪڙندو رهي،
پهر ڳوري رات جو ڪٽندو رهي!

جي نہ جانان غم هجي ڪم ڪار جو،
جيءُ تنهنجا خواب ئي ڏسندو رهي.

نانءُ تنهنجو مان سدا لکندو رهان،
سمنڊ ـــ لهرن سان سدا ڊهندو رهي!

پيار جي برسات پئي تو مان وسي،
روح منهنجو عمر ڀر ڀڄندو رهي.

هانءُ تنبوري جيان ’راشد‘ سدا،
ڪاش تنهنجي ياد ۾ وڄندو رهي.

هتيو اسان تان، توهان جي تہ ذات جو پاڇو
ويو جهان کي آ ويڙهي رات جو پاڇو!

سڏو تي بيٺو مٿانهون جو موت جو سورج،
تہ ڏيري ڏيري ڪُٽي پيو حيات جو پاڇو!

وڃي مون انت کان اڳتي بہ انت ڪين لڌو،
پوي ٿو ڪاٿي الئہ ڪائنات جو پاڇو!

سدائين سار ۾ تنهنجي سڙڻ نصيب ۾ هو
پيو نہ پاڻ تي ڪڏهين نجات جو پاڇو!

وڃايو سانت تي مُصلوءِ سوچ سجدا ڏنا،
لٿو وجود تي ’راشد‘، ڪو ڏات جو پاڇو!

جڏهن يي خدا ڪو تراشي صنم تو
خيالن ۾ مهڪيل ڪو اتري نظم تو!

جئين چنڊ محرم جو اپري ٿو اپ تي،
اچي هانوَ ۾ درد کوڙين عَلمُ ٿو.

مبارڪ چون ٿا زمانا حُسن جا،
ڏري عشق جي آڳ ۾ ڪو قدم ٿو.

ڪيان فيصلو ڪيئن وچڙڻ جو جانان!
رکان سيني ۾ دل اجا پي نرم ٿو!

جڏهن پي ٽٽن آسمان ۾ ٿا تارا،
لڳي ٿو وفا جو ڪو ٽوڙي قسم ٿو!

اوهان نينهن وارا ڪنيا نيڻ نيرا،
وٺي اچ دَرندي مان انسان جنم ٿو.

لڳي ٿو تہ سنڌوَ جو پاڻي آ پيتو،
تڏهن درد سارا ڪري من هضم ٿو.

اسان جو سفر ٿو شروع ٿئي اتان ئي،
جتي رستو 'راشد' ٿئي هر ختم ٿو!

ٽوڙي منهنجو مفاد، ڪو بہ نہ هو،
شاد مان هس تہ شاد، ڪو بہ نہ هو.

مات ڏيون ها تہ ڪيئن دشمن کي،
سٽ ۾ پر اعتماد، ڪو بہ نہ هو.

عشق جيسين لٿو نہ هو دل تي،
زندگيءَ ۾ سواد، ڪو بہ نہ هو.

پاڻ ها سين مٽيءَ جا پوڄاري،
پاڻ چاهيو فساد، ڪو بہ نہ هو.

شهر ويڙهيل هيو سناٽي ۾،
ظلم برپا هو ناد، ڪو بہ نہ هو!!

چو نہ گڏجي هلي سگهيا سي من!؟
سوچ ۾ جي تضاد، ڪو بہ نہ هو.

شانتي، امن جا لکيا سي غزل،
لوڪ لئہ پرجهاد، ڪو بہ نہ هو!

نرم ماٺڙا اڱڻ ها موم جيان،
ايئن گهرگهر جلاد، ڪوبہ نہ هو!

ڪيئن نکرن ها شعر ’راشد‘ جا،
پنهنجو سمجهو نقاد، ڪوبہ نہ هو!

سونهن پوپان ڍُڪي رهيون آهن،
ڪِٿ نہ اکڙيون رُڪي رهيون آهن.

مان خدا جو ڇتان پيو چهرو!!
رنگ، سوچون سُڪي رهيون آهن!

ڪير نروار پيو اسان ۾ ٿي!
ڪائناتون جُهڪي رهيون آهن!

رنگ سازيون جهانَ جون ’راشد‘!
روز آچي چُڪي رهيون آهن.

هوا سوچ ۾ آ، فضا سوچ ۾ آ!
چو سنسار جي هرڏسا سوچ ۾ آ!؟

مَتي رنگ پل پل ۾ سنسار ڪيڏا!!
ڏِئي رنگ ڪهڙو خدا سوچ ۾ آ!

ڏسي مور نچندي چپن تي چمين جا،
وجد ۾ وڃون هن، گهٽا سوچ ۾ آ!

وري ڪنهن اسان کي متيءَ مان اٿاريو؟
اسان سوچ ۾ هون، فنا سوچ ۾ آ!

ڇڏيو ناچٽيءَ ڇيڙي اتهاس جو سُرُ،
دڙي جي متي ۾ هوا سوچ ۾ آ!

نہ ڌرتيءَ جيان تون نہ امبر جيان مان،
ڏسي خال ايڏو خلا سوچ ۾ آ!

هئي رب جي مرضي يا آدم جي غلطي؟
خطا سوچ ۾ آ، سزا سوچ ۾ آ!

ڏيان تنهنجي تان جو لٿا آهيون،
ڪنهن ستاري جيان ٽُٽا آهيون!

هون بظاهر سچا تہ سنڌ جيان،
پر اصل ۾ ڀُڳا ڀُڳا آهيون.

تون جي آهين تہ پوءِ سڀ ڪجھ آ،
ڪجھ نہ آهيون، جي تو ٻنا آهيون!

دور جيئڻ وتان نہ آ، چا ڪيون؟
پاڻ جڳ جا نہ ڪي خدا آهيون!

تنهنجو منهنجو ملڻ اٽل آهي،
پاڻ من! واس ۾ هوا آهيون!

تنهنجي دل جو پتو ڏِيُون ڪهڙو؟
پاڻ ورهين کان لاپتا آهيون.

جاءِ جيئڻ ئي ڏئي مٽيءَ ۾ ويا،
ائين لڳو هاڻ جائتا آهيون.

ياڳ جنهن جي ۾ آ رڳو وڪرڻ،
اهڙي شايد! اسين گهٽا آهيون.

مينهن جي منڊ ۾ گيت ڳائي هوا.
ڪاٺيءَ جو بدن تي جلائي هوا.

سج لڪيو شرم مان بادلن جي پٺيان،
تار تي تنهنجو چولو سُڪائي هوا.

پتڪندي تي رهي هر شهر هر گهٽي،
چا الائي چڏيو آ وجائي هوا!؟

جسم ۾ رقص آ نرم احساس جو
تنهنجي تن تان چنر تي هٽائي هوا.

تنهنجي خوشبو تہ چورائي توڪان وئي،
ڪئن مگر لوڪ ڪان، سا لڪائي هوا.

سدا دل تي ڇُريءَ وانگي وهيو امڪان وڇڙڻ جو
سوين ڳترا ڪري دل جا ويو امڪان وڇڙڻ جو!

اُجهامي ديپ آسن جا ويا چاهت جي چائنٺ تي،
ڪٽي طوفان ڪي جڏهين وريو امڪان وڇڙڻ جو!

نہ ڪنهن منجهڌار ۾ ڦاٿو نہ ڪنهن پهتو ڪناري تي،
سدائين دل جي ساگر ۾، ترِيو امڪان وڇڙڻ جو!

سهيڙي خوف رڳ رڳ ۾، پُڳو دل جي دوارن تي،
جڏهن ممڪن جي صورت ۾ مِڙيو امڪان وڇڙڻ جو!

الئہ ڪهڙو هيو لمحو الئہ ڪهڙي هئي موسم؟
جڏهن 'راشد' لِڪئي ۾ رب لکيو امڪان وڇڙڻ جو!

پورو ٿيو

عباس ڪوريجو ويب
وڏيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو
www.abbaskorejo.com